Website: dailysukaarkarachi.com
ABC CERTIFIED
سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار (شاهه)
DAILY SUKAAR KARACHI
رجسٽرڊ نمبر SS-1245
روزاني سُڪار ڪراچي
چيف ايڊيٽر: شفيق احمد پيرزادو
جلد (20) | جمعو 03 مئي 2025ع بمطابق 05 ذوالقعد 1446 هجري (شمارو نمبر 55) قيمت 10 رپيا

آرمي چيف جنرل عاصم منير جي صدارت هيڊ ڪوارٽر ڪمانڊرز ڪانفرنس ۾ ڀارت جي جارحاڻي رويي ۽ والاريل ڪشمير ۾ قابض فوج جي ظلمن تي ڳڻتي جو اظهار، سالميت برقرار رکڻ جو عزم

ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس: ڀارت پاران جنگ مڙهڻ جي ڪنهن به ڪوشش جو فيصلائتو جواب ڏيڻ جو فيصلو

فورم ڀارت جي ڪنهن به جارحاڻي ڪارروائي يا مهم جوئي جي صورت ۾ ملڪ جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ بابت پنهنجي اٽل عزم ورجايو: آءِ ايس پي آر

پاڪ فوج پنهنجي عوام سان گڏ بيٺي آهي ۽ ملڪ جي دفاع لاءِ مڪمل تيار آهي: آرمي چيف پاران پاڪ فوج جي پيشيوراڻين صلاحيتن، ثابت قدم حوصلي ۽ آپريشنل تيارين جي واکاڻ

ڪانفرنس جي شرڪت ڪندڙن ڀارتي فوج ۽ انٽيليجنس ادارن جي پاڪستان اندر دهشتگرديءَ جي واقعن ۾ سڌي ريت ملوث هجڻ بابت ترديد نه ڪرڻ جوڳين ثبوتن تي پڻ ڳڻتي جو اظهار

ڀارت پنهنجي سياسي ۽ فوجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ کي بحرانن جي رٿابندي ڪري ٿو، جيئن 2019ع ۾ والاريل ڪشمير ۾ آرٽيڪل 370 جي خاتمي لاءِ پلوامه جو ڊرامو رچايو ويو

پاڪستان جي ترقي ۽ امن جي سفر کي ڪنهن به ڌمڪي، جبري پراڪسي جي مدد سان روڪي نه ٿو سگهجي، پاڻي کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي ارادو مستقبل لاءِ سٺو سنئون ناهي: شرڪت ڪندڙ

راولپنڊي (بيورو رپورٽ) آرمي چيف جنرل عاصم منير جي صدارت هيڊ ڪوارٽر ڪمانڊرز ڪانفرنس ۾ ڀارت جي جارحاڻي رويي ۽ والاريل ڪشمير ۾ قابض فوج جي ظلمن تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي پاڪستان جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت برقرار رکڻ جو عزم ورجايو ويو ۽ چيو ته جنگ مڙهڻ جي ڪنهن به ڪوشش جو فيصلائتو جواب ڏنو ويندو /ڏسو صفحو 2 بقايا 01

راولپنڊي: صدر آصف علي زرداري ڪور ڪمانڊر جي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

پاڪستاني سفير جي گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس سان ملاقات

واشنگٽن (م د) گڏيل قومن ۾ پاڪستان /ڏسو صفحو 2 بقايا 03

پهلگام واقعي جي انڊپينڊنٽ جاچ جي لاءِ تيار آهيون: راڻا ثناءُ الله

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم جي سياسي /ڏسو صفحو 2 بقايا 34

پاڪستان سنڌ طاس معاهدي جي معطلي تي ڀارت کي نوٽيس ڏيڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو

ڀارت طرفان معاهدي جي معطلي جي ردعمل طور هنگامي قانوني ۽ آئيني مشاورت جاري آهي، ان حوالي سان ابتدائي هوم ورڪ مڪمل ڪيو ويو

پرڏيهي، آبي وسيلن ۽ قانون وارين وزارتن جي وچ ۾ صلاح مشورا ٿي چڪا، ڪجهه ڏينهن ۾ ڀارت کي سفارتي ذريعن وسيلي نوٽيس موڪليو ويندو

ڀارت جي آبي جارحيت خلاف عالمي فورمن تي ڀرپور احتجاج داخل ڪرائڻ تي غور ڪيو پيو وڃي ۽ دنيا آڏو ڀارت جي روش کي اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو ويندو

سنڌ طاس معاهدي تي قانوني حيثيت ۾ پاڪستان کي سرسي حاصل آهي ۽ اميد آهي ته ڀارت کي جلد پنهنجو فيصلو واپس وٺڻو پوندو

سمورا قدم حڪومت ۽ ڪابينا جي منظوري کانپوءِ کنيا ويندا، نوٽيس ۾ ڀارت کان معاهدي جي هڪ طرفي معطلي جا واضح ۽ قانوني سبب پڇيا ويندا: انڊس ڪميشن جي ذريعن

ياد رهي ته پهلگام واقعي کان پوءِ ڀارت بنا ڪنهن ثبوت جي پاڪستان تي الزام لڳائيندي سنڌ طاس معاهدو معطل ڪري ڇڏيو هو ۽ هن وقت جنگ ڪرڻ جا سانباها پيو ڪري

لاهور (م د) پاڪستان ڀارت جي طرفان سنڌ طاس معاهدي جي معطلي تي باضابطا طور نوٽيس ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، ذريعن موجب، ڀارت طرفان معاهدي جي معطلي جي ردعمل طور هنگامي قانوني ۽ آئيني مشاورت جاري آهي، جڏهن ته ان حوالي سان ابتدائي هوم ورڪ مڪمل ڪيو ويو آهي، ذريعن جو چوڻ آهي ته پرڏيهي، آبي وسيلن ۽ قانون وارين /ڏسو صفحو 2 بقايا 02

پاڪستان پاران جاچ لاءِ گڏيل قومن جي ڪميشن ٺاهڻ جي آڇ

معاملي تي يا ته 2، 3 ملڪ گڏجي جاچ ڪن يا پوءِ گڏيل قومن جو ڪميشن ٺاهيو وڃي: خواجه آصف

ڳالهين جي امڪان کي ڪنهن به حالتن ۾ رد قرار نٿو ڏئي سگهجي، ڇڪتاڻ جيتي به هجي ڳالهين جو رستو کليل هوندو آهي

معاملو ڳالهين سان حل ٿيڻ گهرجي، آمريڪا، روس، چين، ترڪيه، ايران يا ڪوبه ملڪ انهي جاچ جي شروعات ڪري

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان پهلگام واقعي جي جاچ لاءِ گڏيل قومن جو ڪميشن ٺاهڻ جي آڇ ڪري ڇڏي آهي. تجي چينل جي پروگرام ۾ ڳالهيون ڪندي دفاع واري وزير خواجه آصف چيو آهي ته وزيراعظم شهباز شريف اڳ ئي ڀارت کي جاچ جي آڇ ڪري چڪو آهي. انهي معاملي تي يا ته 2 /ڏسو صفحو 2 بقايا 31

ٽرمپ قومي سلامتي بابت صلاحڪار کي عهدي تان هٽائي ڇڏيو

مائيڪ والٽز کي عهدي تان هٽائي گڏيل قومن ۾ آمريڪا جو سفير مقرر ڪيو ويو

عارضي طور پرڏيهي وزير مارڪو روبيو قومي سلامتي جي صلاحڪار جي واڌو چارج سنڀاليندو

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ قومي سلامتي بابت صلاحڪار مائيڪ والٽز کي عهدي تان هٽائي گڏيل قومن ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 33

اسلام آباد: وفاقي وزير عطا تارڙ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڀارتي حملي جو خطرو اڃا به موجود آهي: عطا تارڙ

پاڪستان وٽ ڀارت طرفان حملي بابت تصديقي ۽ اعتماد جوڳيون انٽيليجنس رپورٽون موجود هيون

اهي وقت سر عالمي برادري سان شيئر ڪيون ويون ۽ اهڙن قدمن سان خطي ۾ امن قائم رکڻ ۾ مدد ملي

ڀارت طرفان پاڪستان تي حملي جي امڪان بابت ڄاڻ ملڻ بعد عالمي سطح تي ترت آگاهي ڏني وئي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سڌ سماءُ واري وفاقي وزير عطا تارڙ چيو آهي ته پاڪستان وٽ ڀارت طرفان حملي بابت تصديقي ۽ اعتماد جوڳيون انٽيليجنس رپورٽون موجود هيون، جيڪي وقت سر عالمي برادري سان شيئر ڪيون ويون ۽ اهڙن قدمن سان خطي ۾ امن قائم رکڻ ۾ مدد ملي، آمريڪي ميڊيا کي ڏنل هڪ انٽرويو /ڏسو صفحو 2 بقايا 33

بلوچستان ۾ رتوڇاڻ هجي ۽ ملڪي معاملا ٺيڪ هجن اهو ممڪن ناهي: شاهد خاقان

بلوچستان ورهين کان سانحن جو شڪار آهي، سوچڻ جي ضرورت آهي ته بلوچستان ۾ اهي مسئلا ڇو موجود آهن

اهو ممڪن ناهي ته پاڪستان امير رهي ۽ بلوچستان غريب رهي، بلوچستان امير ترين صوبو هجڻ گهرجي

دهشتگردي جو مقابلو ڪرڻ ضروري آهي پر اسان کي ان جي پاڙ تائين وڃڻو پوندو ته اهي مسئلا ڇو پيدا ٿيا

ڪوئيٽا (م د) اڳوڻي وزيراعظم ۽ عوام پاڪستان پارٽي جي سربراهه شاهد خاقان عباسي چيو ته ملڪ سياسي ڏڪيڻ ختم ٿيڻ تائين اڳتي نه وڌندو. ڪوئيٽا ۾ ميڊيا /ڏسو صفحو 2 بقايا 26

وڳڻ اڳوڻو وزيراعظم شاهد خاقان عباسي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ايران ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر اعليٰ سطحي شروع

سعودي بچاءُ واري وزير خالد بن سلمان جي ايران جي سپريم اڳواڻ آيت الله خامنه اي وچ ۾ ملاقات

سعودي عرب سان دوستي اسلامي دنيا جي مفاد ۾ آهي: ايراني قيادت

ايران پاران سعودي عرب، قطر ۽ اومان سان لاڳاپا بهتر ڪرڻ جو عزم اظهار

رياض (م د) ايران ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر اعليٰ سطحي رابطا ٿيا آهن. هي رابطو هڪ نئين طرز طرف ڏاتهن /ڏسو صفحو 2 بقايا 04

وزيراعظم ۽ سعودي سفير وچ ۾ ملاقات، امن لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ تي اتفاق

پاڪستان جي ڪاميابين کي خطري ۾ وجهڻ ۽ اقتصادي ترقي روڪڻ جون ڀارتي ڪوششون ناڪام ٿينديون: وزيراعظم

سعودي عرب خطي ۾ امن، سلامتي جي لاءِ پاڪستان سان گڏجي ڪم ڪرڻ چاهي ٿو: سفير نواف بن سعيد المالڪي

وزيراعظم پاران حرمين شريفين جي متولي شاهه سلمان بن عبدالعزيز آل سعود ولي عهد ۽ وزيراعظم لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف سان سعودي سفير نواف بن سعيد المالڪي ملاقات ڪئي ۽ چيو ته سعودي /ڏسو صفحو 2 بقايا 05

اسلام آباد: سعودي جو سفير وزيراعظم سان ملاقات ڪري آهيو

ڀارتي حملي جو امڪان، آزاد ڪشمير ۾ مدرسا بند، سياحن جي اچ وڃ تي پابندي

مظفرآباد (م د) آزاد ڪشمير جي حڪومتي /ڏسو صفحو 2 بقايا 06

لاهور ۾ تيز هوائون ۽ برسات، فيڊر ٽرپ، ڪيترائي مضافاتي علائقا اونداهي ۾ ٻڏي ويا

لاهور (بيورو رپورٽ) لاهور سميت پنجاب /ڏسو صفحو 2 بقايا 25

ميڊيا جي آزادي، عوام جو آوازئي اسان جو مشن آهي: شرجيل

پيپلز پارٽي سدائين اظهارِ راءِ جي آزادي ۽ جمهوري قدرن جي بقا لاءِ آواز اٿاريندي رهي آهي

سنڌ سرڪار، بلاول ڀٽو زرداري ۽ صدر آصف علي زرداري جي قيادت ۾ صحافين جي حقن لاءِ عملي قدم کنيا

اڄ اسان انهن سينئر صحافين کي ڀيٽا پيش ڪريون ٿا جن حق ۽ سچائي لاءِ پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته اظهارِ راءِ جي آزادي ۽ آزاد صحافت جمهوريت جا اهم ٿنڀ آهن. پاڪستان پيپلز پارٽي سدائين اظهارِ راءِ جي آزادي ۽ جمهوري /ڏسو صفحو 2 بقايا 27

ڪي پي ٽي مهاڻن جي قديم وسندين سميت 19 ڳوٺ خالي ڪرائڻ جو نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو

ڪي پي ٽي پاران قديم مهاڻن جي آبادين سميت 19 ڳوٺن جي رهواسين کي گهر خالي ڪرڻ جا نوٽيس جاري ڪيا ويا، تحت علائقي واسين ترت جلد جاءِ ڇڏڻ جو حڪم

اختيارين پبلڪ نوٽيس جاري ڪندي هجرت ڪالوني، سلطان آباد، اين ٽي آر چائنا ڪريڪس ۽ گلشن ڪالوني سميت سڪندر آباد، ڊلڪس ڪالوني خالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو

صالح آباد، يونس آباد، نيو يونس آباد، ڪريڪس وليج، ڪلڪا پيرو ۽ پڙ وليج سميت مهاڻن جي ٻين قديم آبادين کي به گهر خالي ڪرڻ جا نوٽيس جاري ڪيا ويا

مجيد ڪالوني، انٽيليجنس ڪالوني، سستي بستي، مڇر ڪالوني ۽ محمدي ڪالوني جي رهواسين کي نوٽيس موڪليا ويا، چاڻايل زمينون پورٽ جي ملڪيت قرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پورٽ ٽرسٽ (ڪي پي ٽي) پاران قديم مهاڻن جي آبادين سميت 19 ڳوٺن جي رهواسين کي گهر خالي ڪرڻ جا نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن، جنهن تحت علائقي واسين ترت جلد جاءِ ڇڏڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. ڪي پي ٽي اختيارين طرفان پبلڪ /ڏسو صفحو 2 بقايا 07

ڀارت آءِ ايم ايف کي پاڪستان کي ڏنل قرض حوالي سان جائزو وٺڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

ڀارت عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) کان مطالبو ڪيو آهي ته پاڪستان کي ڏنل قرض ۽ مالي امداد جو نئين سر جائزو ورتو وڃي

ڀارت آءِ ايم ايف کي اهڙو باضابطا مطالبو ڪيو آهي. پر ان بابت وڌيڪ تفصيل ناهن ڄاڻايا ويا: ڀارتي حڪومت جي هڪ سينئر عهديدار پرڏيهي خبرو اداري سان ڳالهائيندي تصديق ڪري ڇڏي

آءِ ايم ايف پروگرام صحيح رخ ۾ اڳتي وڌي رهيو آهي ۽ ان جو تازي جائزو به ڪاميابي سان مڪمل ٿيو آهي: پاڪستان جي ناڻي واري وزارت جو صلاحڪار خرم شهزاد

ياد رهي ته پاڪستان گذريل سال آءِ ايم ايف کان 7 ارب ڊالر جو بيل آئوٽ پئڪيج حاصل ڪيو هو، مارچ 2025 ۾ پاڪستان کي 1.3 ارب ڊالر جو ڪلائيميٽ ريسيلائنس لون پڻ ڏنو هو

نئين دهلي/اسلام آباد (بيورو رپورٽ / مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڀارت عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) کان مطالبو ڪيو آهي ته پاڪستان کي ڏنل قرض ۽ مالي امداد جو نئين سر جائزو ورتو وڃي. ڀارتي حڪومت جي هڪ سينئر عهديدار پرڏيهي خبرو اداري سان ڳالهائيندي تصديق /ڏسو صفحو 2 بقايا 28

پي ٽي آءِ 26 نومبر احتجاج ڪيس، 82 جوابدارن ڏوهه قبولي ورتو

راولپنڊي جي عدالت پي ٽي آءِ جي احتجاج واري ڪيس ۾ 82 جوابدارن ڏوهه جو اعتراف ڪري ڇڏيو

پي ٽي آءِ ڪارڪنن خلاف 24 ۽ 26 نومبر 2024ع دوران احتجاج تي 24 ڪيس داخل ڪيا ويا

قيادت پرتشدد احتجاج جو ٽاسڪ ڏنو، پورهيت آهيون، رعايت ڏني وڃي: جوابدار اپيل ڪري ڇڏي

راولپنڊي (م د) راولپنڊي جي دهشتگردي توڙ عدالت ۾ 26 نومبر 2024ع جي پي ٽي آءِ جي احتجاج واري ڪيس ۾ 82 جوابدارن ڏوهه جو اعتراف ڪري ورتو. پي ٽي آءِ ڪارڪنن خلاف 24 ۽ 26 نومبر /ڏسو صفحو 2 بقايا 08

اميد آهي ته پاڪستان پهلگام واقعي جي جاچ ۾ سهڪار ڪندو: آمريڪا

ڀارت کي گهرجي ته هو پهلگام واقعي تي اهڙي طريقي سان ردعمل ڏئي جنهن سان علائقائي تڪرار نه وڌي

پاڪستان ذميوار ملڪ آهي، اهو جاچ ۾ سهڪار ڪري دهشتگرد کي گرفتار ڪري قانوني ڪارروائي به ڪندو

ياد رهي ته پاڪستان، پهلگام واقعي جي جاچ لاءِ گڏيل قومن جي نگراني هيٺ ڪميشن قائم ڪرڻ جي آڇ ڪئي هئي

واشنگٽن (م د) آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس چيو آهي ته هو پهلگام واقعي جي جاچ ۾ ذميوار ملڪ آهي ۽ آمريڪا کي اميد آهي ته پاڪستان هڪ ڀرپور سهڪار ڪندو. پرڏيهي خبرو اداري /ڏسو صفحو 2 بقايا 29

اسلام آباد: ناڻي واري وزارت جو صلاحڪار خرم شهزاد صحافين سان ڳالهائيندي

واهگا رستي 21 پاڪستانين جي ڏيهه واپس پهچي ويا

ڀارتي حڪومت طرفان ملڪ ڇڏڻ لاءِ ڏنل مهلت ختم ٿيڻ کانپوءِ اٽاري-واهگا بارڊر تي ڦاٿل اٽڪل 21 پاڪستاني شهري جمعي جي ڏينهن زميني رستي واپس پاڪستان پهچي ويا

اٽاري-واهگا سرحد 30 اپريل تائين کليل رکڻ کانپوءِ خميس تي بند ڪئي وئي، لڳ ڀڳ 70 پاڪستاني شهري خميس جي ڏينهن سرحد تي ڦاٿل رهيا

جمعي جي ڏينهن منجهند 12 وڳي تائين 21 پاڪستاني شهري پاڪستان ۾ داخل ٿيا، جيڪي انٽيگريٽيڊ چيڪ پوسٽ پاران روانو ٿي ديا هما ٻرين وينا هئا

اسان ڄاڻون ٿا ته ڪي پاڪستاني شهري اٽاري ۾ ڦاٿل آهن، جيڪڏهن ڀارتي عملدار کين سرحد پار ڪرڻ جي اجازت ڏيندا ته اسان پنهنجي شهرين جي آجيان لاءِ تيار آهيون: ترجمان

ياد رهي ته 22 اپريل تي ڀارتي حڪومت والاريل ڪشمير جي سياحتي ماڳ پهلگام ۾ ٿيل هڪ دهشتگرد حملي کانپوءِ پاڪستاني شهرين کي ڏنل ويزائون رد ڪيون هيون

لاهور / امرتسر (م د) ڀارتي حڪومت طرفان ملڪ ڇڏڻ لاءِ ڏنل مهلت ختم ٿيڻ کانپوءِ اٽاري-واهگا بارڊر تي ڦاٿل اٽڪل 21 /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

عالمي پليٽ فارمن تي ڀارتي چينل ۽ يو آر ايلز بلاڪ

آرمي چيف بين الاقوامي معاهدن ڪانسواءِ ڀارتي چينلن ۽ يو آر ايلز انٽرنيشنل پليٽ فارمز تي بلاڪ ڪرائي ڇڏيا

پاڪستان ڀارت کي هر محاذ تي منهن ٽوڙ جواب ڏيندو، ڀارتي لنڪس عالمي سطح تي بند ٿيندي پيون وڃن

جيڪو ڪم ڪو نه ڪري سگهيو اهو آرمي چيف جنرل عاصم منير ڪري ڏيکاريو آهي: فيصل واوڊا

اسلام آباد (م د) سينيٽر فيصل واوڊا چيو آهي ته /ڏسو صفحو 2 بقايا 17

ڀارت بغير ڪنهن ثبوت جي پاڪستان تي الزام لڳايا: شيري رحمان

ڀارت هر روز جنگ جو ڊرم وڄائي رهيو آهي ۽ ڀارتي اڳواڻ پاڪستان خلاف ڳالهائين

ڀارت پنهنجي بيانيي کي زهر آلود ڪيو وقت گذرڻ سان گڏ سندس بيانيو ڪمزور پيو ٿئي

اسلام آباد: (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي /ڏسو صفحو 2 بقايا 19

ڪراچي بندرگاهه تي آپريشن، وڏي انگ ۾ گڏهن جون کلون هٿ

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) فيڊرل بورڊ آف روينيو /ڏسو صفحو 2 بقايا 18

پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ تي اجلاس ڪوٺائبو: گڏيل قومون

صورتحال بابت جلد ئي 15 رڪني ڪائونسل جو اجلاس طلب ڪيو ويندو

ڇڪتاڻ کي گهٽائڻ جون ڪوششون مددگار ثابت ٿينديون: سلامتي ڪائونسل

نيويارڪ (م د) گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي صدر ايون گيلاس ايڪسپريس چيو آهي ته پاڪستان ۽ ڀارت جي صورتحال /ڏسو صفحو 2 بقايا 18

قومي اتحاد ۽ يڪجهتي لاءِ پارليامينٽ جو ڪردار تعريف جوڳو آهي: نواز شريف

پارليامينٽرينز جي انهي ڪردار سان قومي يڪجهتي کي هٿي ملندي: اڳوڻو وزيراعظم

ملڪي دفاع جي عظيم مقصد جي لاءِ هر طرح جي اختلافن کي سائيڊ ۾ رکڻ سٺي روايت آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي صدر ۽ اڳوڻي وزيراعظم محمد نواز شريف چيو آهي ته ملڪي دفاع //ڏسو صفحو 2 بقايا 20

بدر اثر ته هندستانين کي چانهه پسند آهن مان تيار ڪئي آهي: اداڪار فيصل رحمان

ڪراچي (ويب ڊيسڪ) پاڪستاني ڊراما ۽ فلم /ڏسو صفحو 2 بقايا 09

ڪراچي: ڪبوترن مان پکڙجندڙ ڦڦڙن جي مرض ۾ اضافو، هفتيوار 20 ڪيس رپورٽ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ڪبوترن سان /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

پاڪ فوج پاران جنگي مشقن جو سلسلو جاري

پهلگام فالس فليگ واقعي جي تناظر ۾ جنگي مشقن دوران جديد هٿيارن سان آپريشنل تياري جو جائزو ورتو ويو

پاڪ فوج پاران پهلگام فالس فليگ واقعي جي تناظر ۾ مشقن جو مقصد دشمن جي اڳرائي جو اثرائتو جواب ڏيڻ آهي

مشقون ملڪ جي دفاع کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ سيڪيورٽي کي هٿي ڏيڻ لاءِ اهم آهن: سيڪيورٽي ذريعا

راولپنڊي (م د) پاڪ فوج پاران پهلگام فالس فليگ واقعي جي تناظر ۾ جنگي مشقن جو سلسلو جاري آهي، جن جو مقصد دشمن جي ڪنهن به ممڪن اڳرائي جو اثرائتو جواب ڏيڻ آهي، سيڪيورٽي /ڏسو صفحو 2بقايا 21

مليرلنڪ روڊ تي مسافر بس کاهي ۾ ڪري پئي، 4 ڄڻا فوت، 15 کان وڌيڪ زخمي

شڪارپور کان ڪراچي ايندڙ مسافر سنڌري بابا مزار ويجهو بي قابو ٿي کاهيءَ ۾ ڪري پئي

نتيجي ۾ 4 ڄڻا فوت ٿي ويا، جن ۾ عبدالغفور، غلام فريد، مسمات ڪوثر ۽ غلام سرور شامل آهن

زخمين ۾ عبدالغني، محمد افضل، ضمير حسين، سردار اڻي، سنگهار علي، ڪاشف خان، پري زادو ۽ ٻيا شامل

ملير (د ر) مليرلنڪ روڊ تي مسافر بس کاهي ۾ ڪري پئي، 4 ڄڻا فوت، 15 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا. تفصيل موجب شڪارپور /ڏسو صفحو 2 بقايا 14

ڏوڪري ويجهو زخمي ٿيل ايس ايڇ او نيٽ 40 ڏينهن بعد دم ڏڻي حوالي ڪيو

چاليهه ڏينهن اڳ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيل ڳيريلو ٿاڻي جو ايس ايڇ او مير محمد ڪوسو لاڏاڻو ڪري ويو

ڳوٺ محرابپور ۾ زخمي ٿيل ايس ايڇ او ڪراچي جي اسپتال ۾ علاج هيٺ داخل هو، جتي هن دم ڏڻي حوالي ڪيو

ايس ايس پي احمد چوڌري، اي ايس پي رتوديرو محمد علي، ايس ايس پي حيدري احمد بخش راهوجو ۽ ٻيا شريڪ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڏوڪري لڳ ڳوٺ محرابپور ۾ چاليهه ڏينهن اڳ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيل ڳيريلو ٿاڻي جو ايس ايڇ /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

مودي جو ڊرامو فلاپ ٿيو، جنگ ڪيائين ته تباهه ٿيندو: ڪوهستاني

پاڪستان ۾ اقليتون مڪمل محفوظ آهن هتي اسان کي مڪمل مذهبي آزادي حاصل آهي

هندو ڌرم ۾ ٻئي مذهب جو احترام سيکاري ٿو مودي سدائين چونڊن ۾ مذهب کي نشانو بڻايو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مملڪتي وزير کيئل داس ڪوهستاني پهلگام واقعي کانپوءِ ڀارت طرفان ڌمڪين تي ردعمل ڏيندي چيو /ڏسو صفحو 2 بقايا 15

سنڌ جا جيڪي عامر نواز صحافين سان ڳالهايو پيا ورو بند ٿي ويندو

هاڻي درياهه جي چوڪيداري ڪرڻي پوندي: عامر نواز وڙائچ

وڪيلن جي تحريڪ جي سرواڻي ڪندڙ عامر نواز وڙائچ سٽي ڪورٽ ڪراچي پهچڻ تي اجرڪن سان آجيان

سنڌ واسين ڌرڻي دوران اميد کان وڌيڪ پيار ڏنو، ماڻهن ڪاڏي سان گڏ ڪپڙا، موبائل فونن جي بئلنس به ڏنو

ڪئنالن خلاف جاري ڪيل نوٽيفڪيشن مان مطمئن آهيان، اسان کي سنڌوءَ جي مسلسل نگراني ڪرڻي پوندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌوءَ تي تڪراري ڪئنال اڏڻ خلاف وڪيلن جي تحريڪ جي سرواڻي ڪندڙ عامر نواز وڙائچ جي سٽي ڪورٽ ڪراچي پهچڻ تي وڪيلن پاران پرجوش آجيان ڪئي وئي، جتي /ڏسو صفحو 2 بقايا 11

سون جي اگهه ۾ 13 سؤ روپيا لاٿ رڪارڊ

في توليو سون 1300 رپيا گهٽجڻ کانپوءِ 3 لک 44 هزار 500 رپين جو ٿي ويو

ڏهه گرام سون جي قيمت ۾ 1114 رپين جي لاٿ آئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملڪ ۾ اڄ به سون جي اگهن ۾ نمايان گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب، في توليو سون 1300 رپيا گهٽجڻ کانپوءِ 3 لک 44 هزار /ڏسو صفحو 2 بقايا 23

عامر نواز کان مليل سونو تاج هارون راشدي وڪڻي رقم شهيدن جي وارثن کي ڏئي ڇڏي

سيد هارون راشدي ٻيرلو ڊرڙو جي اڳواڻي ڪندڙ وڪيل اڳواڻ عامر وڙائچ پاران تحفي ۾ ڏنل سونو تاج وڪڻي ڇڏيو

هن وڪرو ڪري مليل ساڍا ٻارنهن لک رپين جي رقم شهيدن ۽ زخمين جي وارثن کي امداد طور ادا ڪيا

شهيد اسلم شاهاڻي، حبدار علي شاهاڻي، محمد عظيم شاهاڻي ۽ مولا بخش بروهي ۽ زخمين جي وارثن رقم ورهائي ڏنو

موهن جو دڙو (رپورٽر) سيد هارون راشدي ٻيرلو ڊرڙو جي اڳواڻي ڪندڙ وڪيل اڳواڻ عامر وڙائچ پاران تحفي ۾ ڏنل سونو تاج وڪرو ڪري مليل ساڍا ٻارنهن لک رپين جي رقم شهيدن ۽ زخمين جي وارثن کي امداد /ڏسو صفحو 2 بقايا 13

پهلگام حملو ڀارتي سيڪيورٽي ادارن جي ناڪامي آهي: را جي اڳوڻي سربراهه

جيڪڏهن ڀارت ڪا سرجيڪل اسٽرائيڪ يا بالاڪوٽ جهڙا قدم کڻڻ چاهي ٿو ته ضرور ڪري: امرجيت سنگهه دولت

ان واقعي کانپوءِ ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ باقاعده جنگ جو ڪو به امڪان ناهي، اميد ته معاملا حل ٿي ويندا

محدود فوجي ڪارروائي قابل قبول ٿي سگهي ٿي پر منهنجي ويجهو جنگ آخري ۽ بدترين حل آهي

نئين دهلي (م د) ڀارتي ڳجهي ايجنسي "را" جي اڳوڻي سربراهه امرجيت سنگهه دولت پهلگام حملي کي ڀارتي سيڪيورٽي ادارن جي ناڪامي قرار ڏيندي چيو آهي ته ان واقعي کانپوءِ ڀارت ۽ پاڪستان /ڏسو صفحو 2 بقايا 12

روزاني
سُڪار
ڪراچي
E-mail: sukaarkhi@yahoo.com
ڪراچي آفيس: 021_32700091، 021_32700092، 021_32721870
فيڪس نمبر: 02132700176
حيدرآباد آفيس: فون نمبر: 022_2671764_022_2102381
فيڪس نمبر: 022_2671771_022_2102293
ائڊريس : پبلشر شفيق احمد پيرزادي فرحان پرنٽنگ پريس پاڪستان چوڪ مان ڇپرائي امير ميڊيڪل سينٽر روم نمبر 103، 114 ۽ 115 ٽين ماڙ ايم اي جناح روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي.
ڇنڇر 03 مئي 2025ع بمطابق 05 ذوالقعد 1446 هجري

عوام ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس جي فيصلن سان گڏ آهي

پاڪستان ڀارت جي طرفان سنڌ طاس معاهدي جي معطلي تي باضابطا طور نوٽيس ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب، ڀارت طرفان معاهدي جي معطلي جي ردعمل طور هنگامي قانوني ۽ آئيني مشاورت جاري آهي، جڏهن ته ان حوالي سان ابتدائي هوم ورڪ مڪمل ڪيو ويو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پرڏيهي آبي وسيلن ۽ قانون وارين وزارتن جي وچ ۾ صلاح مشورا ٿي چڪا آهن ۽ ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ ڀارت کي سفارتي ذريعن وسيلي نوٽيس موڪليو ويندو. انڊس ڪميشن جي ذريعن موجب، نوٽيس ۾ ڀارت کان معاهدي جي هڪ طرفي معطلي جا واضح ۽ قانوني سبب پڇيا ويندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته ڀارت جي آبي جارحيت خلاف عالمي فورمن تي به ڀرپور احتجاج داخل ڪرائڻ تي غور ڪيو پيو وڃي ۽ دنيا آڏو ڀارت جي روش کي اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو ويندو. انڊس ڪميشن جي ذريعن موجب، سنڌ طاس معاهدي تي قانوني حيثيت ۾ پاڪستان کي سرسي حاصل آهي ۽ اميد آهي ته ڀارت کي جلد پنهنجو فيصلو واپس وٺڻو پوندو. سمورا قدم حڪومت ۽ ڪابينا جي منظوري کانپوءِ کنيا ويندا. ياد رهي ته 22 اپريل تي والاريل ڪشمير جي سياحتي ماڳ پهلگام ۾ فائرنگ جي واقعي دوران 26 ڄڻا مارجي ويا ۽ هڪ درجن کان وڌيڪ زخمي ٿيا هئا، جنهن کان پوءِ ڀارت بنا ڪنهن ثبوت جي پاڪستان تي الزام لڳائيندي سنڌ طاس معاهدو معطل ڪري ڇڏيو هو. پاڪستان ته رڳو ان واقعي جي مذمت ڪئي، پر وزيراعظم شهباز شريف طرفان ڀارت کي ائڊري جاچ لاءِ هر قسم جي سهڪار جي آڇ ۾ ڪئي وئي. پاڪستان جي سياسي ۽ عسڪري قيادت واضح ڪري ڇڏيو آهي ته ڀارت جي ڪنهن به جارحاڻي قدم جو اهڙو جواب ڏنو ويندو جيڪو هو هميشه ياد رکندو.

آرمي چيف جنرل عاصم منير جي صدارت هيٺ ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ۾ ڀارت جي جارحاڻي رويي ۽ والاريل ڪشمير ۾ قابض فوج جي ظلمن تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي پاڪستان جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت برقرار رکڻ جو عزم ورجايو ويو ۽ چيو ته جنگ مڙهڻ جي ڪنهن به ڪوشش جو فيصلائتو جواب ڏنو ويندو. آرمي چيف جنرل عاصم منير جي صدارت هيٺ خاص ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ خطي جي موجوده صورتحال، خاص طور ڀارت سان وڌندڙ ڇڪتاڻ ۽ علائقائي سلامتي جي صورتحال جو گڏيل جائزو ورتو ويو. آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان موجب، فورم ڀارت جي ڪنهن به جارحاڻي ڪارروائي يا مهم جوئي جي صورت ۾ ملڪ جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ بابت پنهنجي اٽل عزم ورجايو. ڪانفرنس دوران آرمي چيف پاڪ فوج جي پيشيوراڻين صلاحيتن، ثابت قدم حوصلي ۽ آپريشنل تيارين جي واکاڻ ڪندي چيو ته پاڪ فوج پنهنجي عوام سان گڏ بيٺي آهي ۽ ملڪ جي دفاع لاءِ مڪمل تيار آهي. فورم خاص طور تي والاريل جموں ڪشمير ۾ ڀارتي ظلمن، خاص ڪري پهلگام واري واقعي کانپوءِ لائين آف ڪنٽرول تي عام شهرين کي نشانو بڻائڻ واري عمل تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪئي. بيان ۾ چيو ويو ته ڀارت جون اهڙيون بي سبب ۽ غير انساني ڪارروايون خطي جي امن لاءِ خطرو بڻجن ٿيون، جن جو اثرائتو جواب ڏنو ويندو. ڪانفرنس جي شرڪت ڪندڙن ڀارتي فوج ۽ انٽيليجنس ادارن جي پاڪستان اندر دهشتگردي جي واقعن ۾ سڌي ريت ملوث هجڻ بابت ترديد نه ڪرڻ جوڳن ثبوتن تي پڻ ڳڻتي جو اظهار ڪيو. فورم چيو ته رياستي سرپرستي هيٺ ٿيندڙ اهڙيون ڪارروائيون عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي آهن ۽ ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول ناهن. ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندڙن زور ڏيندي چيو ته ڀارت پنهنجي سياسي ۽ فوجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڀاڙمرادو بحرانن جي رٿابندي ڪري ٿو جيئن 2019ع ۾ والاريل ڪشمير ۾ آرٽيڪل 370 جي خاتمي لاءِ پلوامه جو ڊرامو رچايو هو. فورم موجب، ڀارت پهلگام جي واقعي جي آڙ ۾ پاڪستان جو ڌيان اولهه وارن ۽ معيشت جي بحالي واري جدوجهد تان هٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ان سلسلي ۾ ڀارت جي طرفان سنڌ طاس معاهدي کي نقصان پهچائڻ وارو رويو ۽ پاڻي کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي ارادي تي به ڳڻتي ظاهر ڪئي وئي، جنهن سان نه رڳو پاڪستان جي 24 ڪروڙ آبادي متاثر ٿيندي، پر سڄي ڏکڻ ايشيا ۾ عدم استحڪام واري صورتحال پيدا ٿيندي. فورم واضح ڪيو ته پاڪستان جي ترقي ۽ امن جو سفر ڪنهن به ڌمڪي، جبر يا پراڪسي جي مدد سان روڪيو نه ٿو سگهجي ۽ ڪنهن به جنگ مڙهڻ جي ڪوشش جو ڀرپور ۽ فيصلائتو جواب ڏنو ويندو. ڪانفرنس جي پڄاڻيءَ تي آرمي چيف جنرل عاصم منير ملڪ جي دفاع لاءِ ٿيندڙ آپريشنل تيارين، فارميشنز ۽ اسٽريٽجڪ فورسز جي حوصلي ۽ جذبي تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪيو.

رياست جو چوٿون ٿنڀو

سيده سونيا منور

ورلڊ پريس فريڊم ڊي هر سال 3 مئي تي سڄي دنيا ۾ ملهايو ويندو آهي. ان ڏينهن کي ملهائڻ جو مقصد صحافت جي آزادي جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ ۽ انهن صحافين کي پيتا پيش ڪرڻ آهي، جيڪي سچ ڳالهائڻ لاءِ خطرا کڻن ٿا. گڏيل قومن 1993ع ۾ هن ڏينهن کي رسمي طور ملهائڻ جو اعلان ڪيو هو ته جيئن صحافين جي تحفظ ۽ اظهار جي آزادي جي حمايت ڪري سگهجي. ميڊيا جي آزادي ڪنهن به جمهوري معاشري جو بنيادي ستون آهي. هڪ آزاد ميڊيا اها قوت آهي، جيڪا حڪومتن کي جوابده بڻائي ٿي، عوام کي باخبر رکي ٿي ۽ سماجي ناانصافين جي خلاف آواز اٿاري ٿي.

بدقسمتي سان، اڄ به دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ صحافين کي دباءُ، سينسرشپ، جيل ۽ جيئري رهڻ تائين جي خطرن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. ڪجهه حڪومتون ميڊيا تي پابنديون لڳائي سچ لڪائڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون، جيڪا نه صرف اظهار جي آزادي جي ڀڃڪڙي آهي، پر معاشري جي ترقي لاءِ به هاڃيڪار آهي. ان ڏينهن جو پيغام آهي ته اسان کي فرد ۽ سماج جي حيثيت سان صحافين جي حقن جو دفاع ڪرڻ گهرجي ته جيئن اهي بنا ڪنهن ڊپ جي پنهنجو ڪم ڪري سگهن. اسان کي سمجهڻ گهرجي ته صحافت رڳو هڪ پيشو نه آهي، پر اها خدمت آهي جيڪا معاشري کي باشعور، باخبر ۽ خبردار ڪري ٿي.

پريس جي آزادي اهڙو حق آهي، جيڪو عوام کي سچ ڄاڻڻ جو موقعو ڏئي ٿو. جڏهن صحافي بنا خوف ۽ دٻاءُ جي حقيقتون سامهون آڻين ٿا ته ان سان معاشري ۾ شفافيت اچي ٿي ۽ ماڻهن جو سرڪاري نظام تي اعتماد بحال ٿئي ٿو. هن ڏينهن جو مقصد آهي ته دنيا ۾ ميڊيا جي آزادي جي اهميت تي زور ڏنو وڃي. صحافين کي اڪثر حساس موضوعن تي رپورٽنگ ڪرڻي پوي ٿي، جيڪي ڪجهه حلقن کي نه وڻن، جهڙوڪ ڪرپشن، انساني حقن جون ڀڃڪڙيون، يا حڪومتن جون ناڪام پاليسيون. اهڙين حالتن ۾ صحافين کي ڌمڪيون، تشدد، يا ڪوڙا ڪيس به منهن ڏيڻو پوي ٿو. ورلڊ پريس فريڊم ڊي اسان کي ياد ڏياري ٿو ته اسان کي انهن مشڪلاتن جي باوجود سچ جو ساٿ ڏيڻو پوندو.

عوام جي ذميواري آهي ته اهي آزاد صحافت جي حمايت ڪن ۽ اهڙن ميڊيا ادارن جو ساٿ ڏين، جيڪي غيرجانبدار، تحقيقاتي ۽ سچ تي ٻڌل رپورٽنگ ڪن ٿا. فيڪ نيوز، پروپيگنڊا ۽ سينسرشپ جي هن دور ۾ ذميوار صحافت جي اهميت وڌيڪ وڌي وئي آهي. ورلڊ پريس فريڊم ڊي اسان کي سيکاري ٿو ته سچ جي تلاش هڪ مسلسل جدوجهد آهي. جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا ته اسان جا معاشرا انصاف تي ٻڌل هجن، ته پوءِ اسان کي صحافتي آزاديءَ جي اصولن جي حفاظت ڪرڻي پوندي. صحافي رڳو خبرون نه ڏين ٿا، پر سچ کي آواز ڏين ٿا ۽ اها آوازئي بهتر مستقبل جي ضمانت آهي. پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ تڪراري حالتن دوران ٻنهي ملڪن جي صحافين جو ڪردار نهايت اهم، حساس ۽ دوطرفو هوندو آهي. اهڙين حالتن ۾ صحافت جو مقصد رڳو خبرون پهچائڻ نه، پر ذميواريءَ سان حالتن کي بهتر ڪرڻ، غلط فهميون ختم ڪرڻ ۽ جنگي جنون کي گهٽائڻ به هجڻ گهرجي. بدقسمتي سان، ڪڏهن ڪڏهن ٻنهي پاسن جو ميڊيا قوم پرستي ۽ دشمني کي هٿي ڏئي ٿو ۽ ريٽنگ جي ڊوڙ ۾ سنسني خيز خبرون ۽ ڀڙڪائيندڙ ٻولي استعمال ڪري ٿو جيڪا حالتن کي وڌيڪ خراب ڪري ٿي.

بهتر ڳالهه اها آهي ته ڪيترائي باشعور ۽ ذميوار صحافي ۽ ميڊيا ادارا اهڙا به آهن، جيڪي حقيقت تي ٻڌل رپورٽنگ ڪن ٿا، جنگي بيانيي کان پاسو ڪن ٿا ۽ امن ۽ ڳالهه ٻولهه کي هٿي ڏين ٿا. اهي پنهنجا پليٽفارمز غلط معلومات جي خلاف استعمال ڪن ٿا ۽ ٻنهي ملڪن جي ماڻهن کي ويجهو آڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. تنهن ڪري، جيڪڏهن پاڪستان ۽ ڀارت جا صحافي پيشاورانه ايمانداري، غيرجانبداري ۽ سچ کي پنهنجو اصول بڻائين ته اهي ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن کي بهتر بڻائڻ ۽ علائقي ۾ امن قائم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

سنڌ ۾ لوڊشيڊنگ، عوامي نمائندا ڪڏهن مالڪي ڪندا

قاضي وحيد

سنڌ صوبي ۾ شديد گرمي جي وڌڻ سان ئي بجلي جي اڪ ڀوٽ وارو سلسلو به عروج تي پهچي ويو آهي. سنڌ ۾ بجليءَ جي بحران سبب سڄو ڪاروهنوار ٺپ لڳو پيو آهي. ڪاروبار کي ڪاپاري ڌڪ رسيو آهي ۽ بزنس مين تاجر حضرات اهڙي بجلي جي بار بار هر ٻئي ڪلاڪ ائين اک ڀوٽ سبب پنهنجي ڪاروبار ۾ نقصان سبب مسئلن جو شڪار بڻجي چڪو آهي. سيٽي کي خبر آهي ته بجلي سنڌ ناهي ٿي ۽ سنڌ ۾ بجلي جي پيداوار هوندي به سنڌ جي اڪثر شهرن ۾ 18 ڪلاڪ کان به وڌيڪ بجلي جي لوڊشيڊنگ ڪئي وڃي ٿي ۽ ڳرا بجلي جا بل به موڪليا وڃن ٿا. پوري ملڪ ۾ هن وقت سڀ کان وڌيڪ گرمي جي لهر سنڌ ۾ چاليل آهي جو شديد گرمي سبب ڪاٺوءَ جي اڪ پٽي تڪري اهڙي ڪاڙهي جهڙي گرمي ۾ سنڌ جي شهرن ۾ 20 ڪلاڪ جڏهن بجلي بند ٿئي ٿي ته پوءِ اتي شديد گرمي ۾ ڪاروبار ڪيئن هلي سگهي ٿو؟ سڄي سنڌ جي عوام کي هيسايو ويو آهي خوف ۽ ڊپ سبب عوام روڊن رستن بجاءِ حڪومت سنڌ ۽ وفاق کان شديد ترين نفرت جو اظهار ڪري رهيو آهي. هاڻي اقتدار جي ڪرسي تي ويٺل حڪومت ۾ نئين ڊرامي ۽ ناٽڪ جي ريهرسل جيان ڪيئن نه لاهور جي مينار پاڪستان وٽ پنجاب اسيمبلي جا روڊن رستن ...

حڪومت جو سڀ کان پهريان اهو عوام دشمن اعلان آهي ته جيڪو به بجلي جي معاملي ۾ بلب ٻاريندي يا وري راڊ سيور ٻاريندي بغير ميٽر جي يا ڪنڊي جي حوالي سان پڪڙيو ويو ته اها سزا ايتري آهي جو ڪنهن ملڪ جي وڏي ڏوهاري کي به شايد ناهي ٿيندي، يعني جيڪو به اهڙي سزا ۾ ملوث رهيو ته ان کي جيل قيد ۾ رکيو ويندو ۽ ان سان گڏ ئي ڏنڊ لڳايو ويندو. هاڻي اندازو ڪيو ته اهو اعلان عوام دوست آهي يا عوام دشمن اعلان آهي. هر هڪ کي خبر آهي ته سنڌ ۾ کهڙيون فيڪٽريون، ڪارخانا، ملون، انڊسٽريز آهن؟ جتي جنهن صوبي مان وڌيڪ بجلي استعمال ٿئي ٿي اتي انهن لاءِ ڪي به قانون ناهن صرف هر ...

تاريخ جي شاهراهه تي ڀيرلوءِ جو منفرد اسٽاپ

فاروق سومرو

هن وقت هر زبان تي سنڌوءَ مان نڪرندڙ ڇهن ڪئنالن ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف تاريخي جدوجهد متعلق ڳالهيون آهن. هر ڪو پنهنجي عقل، سوچ، فهم متعلق ان تي تبصرا ڪري رهيو آهي. ڌرڻي متعلق حڪمران جماعتن جي اهم وزيرن توڙي سينيئر سياستدانن جا عجيب ۽ غريب ڪمينٽس سامهون آيا، پر جڏهن اهو ڌرڻو هڪ سگهاري تحريڪ جي صورت اختيار ڪري ويو ته انهن حڪمرانن توڙي سياستدانن گهٽي پاڳي يوٽرن ورتو. ڌرڻي وقت چيو ويو ته، "هي چيل چڙي فرار ٿي ويندا . اهي گهران نڪتا آهن، جن کي گهر ماني به ناهي ملندي .. اهي ڳالهائي رهيا آهن، جن ڪڏهن اليڪشن ناهي ڪٽي . سنڌوءَ درياءَ مان نڪرندڙ ڪئنالن واري معاملي تي اهي نڪتا آهن، جن کي سنڌ رد ڪري چڪي آهي ."، ان سميت دل آزاريندڙ توڙي ڪيترائي طنزيہ جملا ڳالهيون شروعاتي ڏينهن ۾ ٻڌڻ ۾ پئي آيا. پر جڏهن پوري سنڌ بنا ڪنهن ذات، پات، رنگ نسل، ٻولي، پارٽي توڙي مذهبي فرق جي گڏجي هڪ آواز ٿي سگهاري انداز ۾ آواز بلند ڪيو ته ان قسم جا جملا استعمال ڪندڙن جي وات تي به تالا لڳي ويا. چو جو انهن کي چڱي ريت ڄاڻ هئي ته جيڪڏهن هاڻي اسان ڌرتي، سنڌوءَ جي مالڪيءَ لاءِ نڪتلن متعلق ڪجهه ڳالهائينداسين ته اسان کي ڀرپور جواب ڏنو ويندو. تنهن ڪري انهن جو لهجو ٻڌيءَ جي طاقت سبب اپيل واري صورت اختيار ڪري ويو. سوشل ميڊيا استعمال ڪندڙ صارفين کي چڱي ريت ان ڳالهه جي ڄاڻ هوندي ته سوشل ميڊيا تي وفاق توڙي سنڌ ۾ حڪمران جماعت کي ڪيتري تنقيد کي منهن ڏيڻو پيو. سوشل ميڊيا جو ذڪران ڪري پئي ڪيو ته مين اسٽريم ميڊيا توڙي پرنٽ ميڊيا جو پنهنجو قاعدن، ضابطن تي هلڻ جي پابندي هوندي آهي، ان گهٽيون تنقيد واريون ڳالهيون، تقريرون اهڙيون هونديون آهن، جن ۾ تالا ڪٽي گهٽ وڌ ڳالهايو ويندو آهي، جيڪي هو هلائي ناهن سگهندا پر سوشل ميڊيا تي اهي وائرل ٿي وينديون آهن. اهڙيون ڪافي وڊيوز پوسٽون سوشل ميڊيا تي عام هيون. 17 اپريل کان 29 اپريل تائين يعني 12 ڏينهن ڀيرلوءِ ڌرڻي واري هنڌ توڙي ڪراچي کان ڪشمور تائين جوش، جذبي، ڪاوڙ توڙي ڪروڌ جي صورت ۾ جيڪا مزاحمت ٿي آهي، اها تاريخ جي ورقن ۾ هميشه جي لاءِ محفوظ ٿي چڪي آهي. جن ڀيرلوءِ باءِ پاس تي پهچي ڌرڻي ۾ شرڪت ڪئي يا وري جيڪي ان کان هر پل آگاهه رهيا، انهن کي چڱي ريت ڄاڻ هوندي ته ڌرڻي ۾ شرڪت ڪندڙ بار بار جي زبان تي کهڙا نعرا هئا. جن نعرن کان پوري سنڌ واقف ٿي چڪي آهي. ڇا اهي نعرا حڪمران جماعت جي قيادت تائين نه پهتا هوندا؟ يقينن پهتا هوندا. ان ڪري نه غرور، تڪبر ۾ مبتلا سياستدانن توڙي حڪمرانن جو لهجو، لفظ توڙي ڳالهائڻ جو اندازئي تبديل ٿي ويو. ڌرڻي دوران هر رخ ...

بقايا 01

آرمي چيف جنرل عاصم منير جي صدارت هيٺ خاص ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ خطي جي موجوده صورتحال، خاص طور ڀارت سان وڌندڙ ڇڪتاڻ ۽ علائقائي سلامتي جي صورتحال جو گڏيل جائزو ورتو ويو. آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان موجب، فورم ڀارت جي ڪنهن به جارحاڻي ڪارروائي يا مهم جوئي جي صورت ۾ ملڪ جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ بابت پنهنجي اٽل عزم ورجايو. ڪانفرنس دوران آرمي چيف پاڪ فوج جي پيشيوراڻين صلاحيتن، ثابت قدم حوصلي ۽ آپريشنل تيارين جي واکاڻ ڪندي چيو ته پاڪ فوج پنهنجي عوام سان گڏ بيٺي آهي ۽ ملڪ جي دفاع لاءِ مڪمل تيار آهي. فورم خاص طور تي والاريل جموں ڪشمير ۾ ڀارتي ظلمن، خاص ڪري پهلگام واري واقعي کانپوءِ لائين آف ڪنٽرول تي عام شهرين کي نشانو بڻائڻ واري عمل تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪئي. بيان ۾ چيو ويو ته ڀارت جون اهڙيون بي سبب ۽ غير انساني ڪارروايون خطي جي امن لاءِ خطرو بڻجن ٿيون، جن جو اثرائتو جواب ...

اڳواڻن خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ سان لاڳاپيل معاملن تي پڻ بحث ڪيو. عاصم افتخار خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪستان جي عزم کي ورجايو. ٻئي طرف، گڏيل قومن ۾ پاڪستان جو مستقل نمائندو عاصم افتخار اڄ نيويارڪ ۾ هڪ اهم پريس ڪانفرنس ڪندو. هي پريس ڪانفرنس پاڪستاني وقت مطابق رات 8 وڳي ٿيندي. ان کان اڳ، عاصم افتخار ڏکڻ ايشيا جي تازي صورتحال تي او آءِ سي گروپ جي سفيرن کي بريفنگ ڏيندي چيو ته ڀارت سياسي طور تي متاثر ۽ غير ذميوارانہ اشتعال انگيز قدم کنيا آهن جيڪي علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ سنگين خطرو آهن.

بقايا 04

اشارو آهي سعودي عرب ۽ ايران جي اتحاد جا تمام وڏا فائدا آهن. ميڊيا رپورٽن موجب سعودي بجاءِ واري وزير خالد بن سلمان جي ايران جي سپريم اڳواڻ آيت الله خامنه اي ۽ ايران جي اعليٰ قيادت سان ملاقاتون ڪيون. جنهن ۾ سعودي عرب جي دفاع واري وزير ايران ڏانهن سعودي عرب جي بادشاهه سلمان بن عبدالعزيز جو اهم پيغام پهچايو آهي ...

بقايا 01

راڻيپور ۾ پنائي سرڪار جي نالي سان منسوب پنائي پبلڪ سيڪنڊري اسڪول راڻيپور جي شاگردن ۽ ٽيچرن اسٽاف ۽ استادن پاران پاڪستاني فوج جي حمايت ۽ ڀارت جي جارحاڻي رويي خلاف پنائي پبلڪ سيڪنڊري اسڪول راڻيپور کان پيربگن شاهه گرائونڊ تائين ريلي ڪڍي وئي ميڊيا سان ڳالهائيندي اسڪول جي ايڊمنسٽريٽر استاد شوڪت علي شيخ زوار شوڪت رضا سمون خليل حيدر شيخ رٽائرڊ فوجي رحمت الله شيخ استاد نبي بخش ابڙو علي حسن شيخ رٽائرڊ فوجي رحمت الله منگليجو نزاڪت جامڙو ۽ ٻين چيو ته ڀارت پاڪستان جي پاڻي تي قبضي جي ڪوشش ڪئي آهي هڪ طرفي فيصلا ڪري خطي جي امن کي خطري ۾ وجهي رهيو آهي جيڪو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو پاڪ فوج رڳو سرحدن جي محافظ ناهي پر قوم جي غيرت ۽ خودمختياري جي علامت آهي پاڪستان جي 24 ڪروڙ عوام ۽ انڊيا گورنمينٽ ۽ مودي کي لڳام ڏيڻ ڄاڻي ٿو دشمن جي ناپاڪ سازشن کي ناڪام بڻائڻ لاءِ قوم پاڪ فوج سان هر موڙ تي گڏ بيٺل آهي ۽ هر سازش جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهيون اسان اقوام متحده کان مطالبو ٿا ڪيون ته ڀارت جي دهشتگردي جو نوٽيس ورتو وڃي ۽ پاڪستان جي درياهن تي ان جي جائز حقن جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي پاڪستان جو ٻچو ٻچو ملڪ جي حفاظت لاءِ پاڪ فوج سان گڏ آهي.

بقايا 02

خانپور مهر سان پڻ ملاقات ڪئي جي يو آءِ اڳواڻ جي ٿيل چوري واپس ڪرائڻ جو مطالبو خبر موجب خانپور مهر ۾ جي يو آءِ تعلقه خانگڙهه جو اجلاس تعلقه امير حبيب الله خان گبول جي سربراهي ۾ حاجي سيف الله مهر جي رهائشگاهه تي ٿيو اجلاس ۾ جي يو آءِ اڳواڻن پاران تعلقي جي يونٽن کي سرگرم ڪرڻ لاءِ دورا ڪرڻ لاءِ مشاورت ڪئي وئي ۽ اتفاق راءِ سان تعلقي ۾ وڏي ڪانفرنس ڪرائڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو اجلاس ۾ تعلقي جي اهم عهديدارن شرڪت ڪئي اجلاس بعد جي يو آءِ اڳواڻن حبيب الله خان گبول, حاجي سيف الله مهر, راهي جميل مهر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ايس ايڇ او خانپور مهر ۽ وڏي منشي سان ملاقات ڪري جي يو آءِ تعلقي خانگڙهه جي امير جي ٿيل چوري پڻ واپس ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ويو ان موقعي تي ايس ايڇ او خانپور مهر جي يو آءِ اڳواڻن کي سلي موٽ ڏيندي چوري واپس ڪرائڻ لاءِ وقت گهريو ۽ چوري رڪوري ڪرڻ جي خاطري پڻ ڪرائي, جي يو آءِ اڳواڻن چوري واپس نه ٿيڻ جي صورت ۾ احتجاج جو چتاءُ ڏنو.

بقايا 03

جارحيت خلاف ۽ پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي وئي ريلي جي شريڪ اڳواڻن ۽ جذباتي ڪارڪن پاڪستان زنده آباد پاڪ فوج زنده آباد جا نعرا هڻندا رهيا تفصيل موجب اوباوڙو هومين رائيٽس پروٽيڪشن محب وطن آرگنائيزيشن پاڪستان ضلع گهوٽڪي پاران ڀارتي جارحيت خلاف ۽ پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي وئي ريلي جي شريڪ اڳواڻ ۽ جذباتي ڪارڪن پاڪستان زنده آباد پاڪ فوج زنده آباد جا نعرا هڻندا رهيا ريلي رانوتي روڊ اوباوڙو لالا لوهار جي دڪان کان مين چوڪ تائين ملڪي سالميت بقا دفاع پاڪستان پاڪ فوج اظهار يڪجهتي جي لاءِ ڪڍي وئي ۽ ڀارتي جارحيت جي خلاف سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ڀارتي جارحيت جي خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي ڀارتي وزيراعظم مودي جون به تصويرون کي باهه ڏئي ساڙيو ويو پاڪستان زنده آباد پاڪ فوج زنده آباد جا نعرا هنيا ويا ريلي جي اڳواڻي صوبي سنڌ جي صدر محب وطن پاڪستاني لالا نبي بخش پتي, ضلع گهوٽڪي ڪوآرڊينيٽر الطاف حسين رند, ضلع گهوٽڪي صدر صوبدار خان ڪوش جماعت اسلامي جي اڳواڻ مولانا علي حسن منصوري, مڪي دهرم داس ناگيش ڪمار صادق حسين رند, محمد يوسف مغل, نثار احمد ڪلهوڙو فضل ڪريم راڄڙي, محمد بلال پتي محمد فرحان پتي, چودري محمد رمضان آرائين سميت ٻين عهديدارن ميمبرن ٿي شهرين وڏي انگ شرڪت ڪري حب الوطني جو ثبوت ڏنو ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته اسان ڀارتي وزيراعظم مودي جي پاڪستان ٿي اسلام دشمن پاليسن ۽ ڀارتي جارحيت جي شديد لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا, مودي پنهنجي عوام ۾ مقبوليت وڃائي ويٺو آهي جنهن جي ڪري بنا سوچ سمجهه تي پاڪستان تي بي بنياد الزام هڻي ڀارتي عوام ۾ پاڻ کي مقبول ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهي جيڪڏهن جنگ لڳي ته انشاءالله عبرتناڪ شڪست ڏني ويندي پاڪستاني فوج جا حوصلا ۽ ارادا مضبوط آهن هر چيلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار آهن پاڪستان جي عوام پنهنجي پاڪ فوج سان بي پناهه محبت ڪري ٿي اسان اقوام متحده کان مطالبو ڪيون ٿا ته فلفور نوٽيس وٺي مودي کي لغام ڏي بي صورت پوري خطي ۾ ايٽمي جنگ ڇڙي ويندي پاڪ فوج جي ترجمان چيو آهي ته جنگ ڀارت شروع ڪندو ۽ ڪيستائين جاري رهندي ايهو اسين طي ڪندا سين پاڪستاني عوام پنهنجي پاڪ فوج سان گڏ ڪلهو ڪلهي سان ملائي ڀارتي جارحيت جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهي پاڪستاني عوام امن پسند آهي جنگ مڙهي وئي ته ان جي نتيجن جو مودي ذميوار هوندو.

بقايا 04

سوين ڪنڌا ڪنيڪشن ڪاٽي ڇڏيا . تفصيلي خبر موجب سيپڪو سٻڪارجا سب ڊويزن جي ايس ڊي او شفقت علي ڀيلار جي اڳواڻي ۾ سيپڪو عملي. رينجرس ۽ پوليس ساڻ ڪري سٻڪارجا ۽ ڀرپاسي جي علائقن سميت ننگرپجا جي علائقن ۾ بجليءَ جي باقيدارن ۽ غيرقانوني بجلي ٻارينڊڙن خلاف ڪارروائي ڪئي ان موقعي تي سوين ڪنڌا ڪنيڪشن ڪاٽي ڇڏيا ۽ لکين روپين جي بقاياجات ادا نه ڪندڙ 9 باقيدارن کي گرفتار ڪري سٻڪارجا ٿاڻي جي حوالي ڪيو ويو جتي باقيدارن پاران قسطن ۾ ادائگي ڪرڻ بعد انهن کي آزاد ڪيو ويو. ان موقعي تي ايس ڊي او سيپڪو سٻڪارجا چيو ته باقيدارن خلاف روزانو جي بنياد تي ڪارروائي جاري آهي ۽ پريشاني توڙي گرفتاري کان بچڻ جي لاءِ باقيدارن کي گهرجي ته سنڌس سان آفيس ۾ ملي بل قسط ڪرائي ادا ڪن.

بقايا 05

سولنگي پٽ نياز محمد عرف سڄڻ سولنگي سکر ۾ داهيندي ٻڌايو آهي ته 12 اپريل 2025 تي خيرپور ۾ جسٽس آف پيس وٽ شادي ڪئي آهي جنهن ڪانپو مائي ناهيد جاويد احمد نثار احمد اسان کي ڪوڙي ڪارهن الزام هيٺ قتل ڪرڻ ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون پيا ڏين جنهن سبب اسان جي حياتن کي خطرو آهي ناري دلڪش جو چوڻ هو ته منهنجو والد فوت ٿي ويو هو جنهن بعد مهنجي ماءُ ناهيد جاويد احمد بي برادري سان تعلق رکندڙ سان بي شادي ڪئي آهي شادي ڪانپوءِ مان به ويڳي پيءُ وٽ رهندي هيس جڏهن ته امڙ ناهيد ماسو نثار احمد ۽ ٻيا مونکي پئسن عيوض ٻئي شخص سان شادي ڪرائڻ چاهن پيا جڏهن ته مهنجي والد پنهنجي حياتي ۾ عمران علي پٽ نياز محمد عرف سڄڻ سولنگي سان مڱڻو ڪرايو هو ۽ مان عمران علي کي پڻ پسند ڪندي هيس جنهن ڪري اسان 12 اپريل 2025 تي خيرپور ۾ جسٽس آف پيس وٽ نڪاح ڪرڻ بعد ڪراچي هليا ويا سين شادي جي خبر پوڻ تي مٿيان جوابدار اسان ڪارهن الزام هيٺ قتل ڪرڻ ۽ مڙس عمران علي ۽ ان جي مائٽن زاهد پٽ عبدالله سولنگي امام ڏنو پٽ محمد مريد رينواز پٽ محمد مريد ريڏنو پٽ خميسو سولنگي مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا آهن ۽ قتل جون ڌمڪيون پيا ڏين جڏهن ته تحفظ ۽ حراسمينٽ ڪرڻ خلاف خيرپور جي مڪاني عدالت ۾ وڪيل معرفت درخواست داخل ڪرائي آهي عدالت مان انصاف جي اميد آهي جوڙي چيف جسٽس آف سنڌ هائي ڪورٽ آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين کي انصاف ۽ تحفظ ڏيارڻ جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا 06

لاش ٻن ڏينهن تائين گهر ۾ پيو رهيو مقامي ماڻهن جي اطلاع تي پوليس موقعي تي پهتي, جنهن کان پوءِ سنڌس مائٽ پهچي ڪيس دفن ڪيو.

بقايا 07

ڪا قصر ڪاٽ ڇڏي انهن جي مان ۾ سکر پريس ڪلب جي فنانس سيڪريٽري لالا شهباز خان پٺاڻ جي طرفان خان فارم هائوس تي پروقار تقريب رکي وئي تقريب ۾ وڪيلن جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي ڪين خراج تحسين پيش ڪندي سکر ڊسٽرڪٽ بار جي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ سنڌر خان چاچڙ اڳوٽي ڊسٽرڪٽ بار سکر جي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ ذوالفقار علي ملاڻو ايڊووڪيٽ مختيار حسين ڪلبر انفرميشن سيڪريٽري ڊسٽرڪٽ بار سکر ايڊووڪيٽ فيصل شمس شيخ جوائنٽ سيڪريٽري ڊسٽرڪٽ بار سکر ايڊووڪيٽ جڳ ڪمار جوائنٽ سيڪريٽري تعلقا بار روهڙي ايڊووڪيٽ عبدالسلام عباسي کي اجرڪن جا تحفا گلن جا هار پارايا ويا ان موقعي تي لالا شهباز خان پٺاڻ ڳالهائيندي چيو ته هي وڪيل اسان جا هيرو آهن جن تڪراري ڪئنالن کي رد ڪرائڻ ۽ سنڌو درياهه جي پاڻيءَ کي بچائڻ جي لاءِ مسلسل ٻارنهن ڏينهن تائين ٻيرلوءِ بائي پاس تي ڌرڻو هڻي حڪمرانن کي گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪيو جنهن تي پوري سنڌ وڪيل برادري کي سلام پيش ڪري ٿي هنن تڪراري ڪئنالن جو منصوبو رد ڪرائي تاريخي فتح حاصل ڪئي آهي تقريب ۾ خالد ٻانبڻ سرفراز ميمڻ اسلم داپي نسيم ميمڻ پڻ شريڪ ٿي پري ڪچهري آهن

بقايا 08

لا ڪاليج ۽ ٻين ڪاليجن ۾ هلندڙ سالياني ايل. ايل بي امتحانن جو دورو ڪيو ان موقعي تي هن امتحانن بابت ڪيل انتظامن تي اطمينان جو اظهار ڪيو دوري وقت ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ قانوني تعليم جي اهميت تي ڳالهائيندي چيو ته قانوني تعليم انتهائي ضروري آهي جو ته اها شاگردن کي قانون ضابطن قاعدن ۽ آئين جي ڄاڻ فراهم ڪري ٿي وائيس چانسلر يونيورسٽي جي قانون جي تعليم کي بهتر بڻائڻ جي ڪوششن تي روشني وجهندي چيو ته قانون جي تعليم حاصل ڪندڙ شاگرد سڀاڻي جا وڪيل ۽ جج ٿيندا هن چيو ته قانون جي ڄاڻ سان بار ۽ بينچ وچ ۾ سلو لاڳاپو پيدا ٿئي ٿو جيڪو عوام لاءِ بنا دير جي انصاف کي يقيني بڻائي ٿو دوري وقت وائس چانسلر امتحاني مرڪزن جو تفصيلي جائزو ورتو ان موقعي تي ي.بي ڊي لا ڪاليج ۽ ٻين ڪاليجن جي پرنسپل صاحبان ڊاڪٽر خشڪ کي ڪاليجن ۾ شاگردن کي ملندڙ سهولتن سيمينار لائبريري, ڊجيٽل لائبريري ۽ موجود وسيلن بابت آگاهي ڏني.

بقايا 09

ڪالوني واسي پيرسن عورت پنهنجي پيرسن مڙس ۽ ٻين سان گڏجي مبينا کنيي گم ڪيل نوجوان پاٽيجي جي آزاديءَ لاءِ پريس ڪلب اڳيان سنڌس تصوير هٿن ۾ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي پيرسن عورت زيب النساءِ سانگي پنهنجي مڙس نظير احمد ۽ ٻين مختيار خاتون سان گڏجي دانهيندي چيو ته منهنجو 31 سالن جو پاٽيجو تشڪيل حيدر سانگي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام آفيس لاڙڪاڻو ۾ سروي جو ڪم ڪندو آهي هن الزام لڳايو ته گذريل خميس جي رات دير سان ٽپ ٽپ بدل پوليس وردي ۽ سادا ڪپڙا پاتل 12 کان وڌيڪ اهلڪارن گهر ۾ گهڙي پاٽيجي تشڪيل حيدر کي کنيي گهر مان 2 موبائيل فونون کڻي ويا جنهن کان پوءِ اسان سول لائين سميت ٻين مختلف ٿاڻن تي پاٽيجي جي ڳولا ڪئي پر ڪٿي به سنڌس جو ڪو به ڏس پتو نه پئجي سگهيو جنهن ڪري سمورا گهرڀاتي سخت پريشاني ۾ مبتلا آهيون هن چيو ته پاٽيجي تشڪيل حيدر سانگي جا والدين ننڍي هوندي بيماري سبب فوت ٿيا جنهن کان پوءِ تشڪيل حيدر سانگي ۽ سنڌس پاءُ توقير حيدر سانگي کي اسان پاليو تشڪيل حيدر سانگي مٿان ڪنهن به ٿاڻي تي ڪو به ڪيس داخل ناهي ۽ نه ئي هو ڪنهن ڪيس ۾ گهربل آهي بيگناهه ڪيس کنيي گم ڪري ظلم ڪيو ويو آهي جيڪا وڏي ناانصافي آهي هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته کنيي گم ڪيل پاٽيجي کي آزاد ڪرائي گهرڀاتين ۾ ڇانيل پريشاني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 10

جو اجتماع منعقد ٿيو جنهن کي خطيب نماز جمعه قبله علامه سيد قمر عباس نقوي خطاب ڪندي چيو ته غيب تي ايمان آڻڻ ئي ايمان جي نشاني آهي اسلام جو بنياد پنجن شين مضبوط ڪيو آهي نماز روزو حج زڪوات ۽ ولايت, جيڪو به ولايت جو انڪار ڪري ٿو ان جو ڪو به عمل قبول ناهي, وري سوال ٿيو يا رسول الله انهن پنجن شين مان وڌيڪ حيثيت ڪهڙي شيءِ جي آهي فرمايائون ته ولايت, چو ته ولايت اها واحد ايمان جي نشاني آهي جنهن جي نه هجڻ سان ٻيون چار ئي شيون ڇڏي ٿيو وڃن, چوته ٻين رڪنن ۾ رعايت آهي پر علي عليه السلام جي ولايت ۾ ڪا به رعايت ناهي, امير آهين غريب آهين سفر ۾ آهين بيمار آهين ڪهڙي به حالت ۾ آهين پر علي جي ولايت جو اقرار ڪرڻو ئي آهي آخرت تي يقين تقويٰ جي نشاني آهي. علي عليه السلام جي ولايت جو اقرار ڪرڻ ايمان جي نشاني آهي.

بقايا 11

اعجاز سومرو ديدار ڪوڪس صوفي غفار چنا, ڪامريڊ عاشق توناري, عارف بروهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ايس ڊي او ۽ ايل ايس نصير آباد جو پتلو ساڙي احتجاج ڪيو ويو "بجلي جي لوڊشيڊنگ ختم ڪريو" "شهري آزارڻ بند ڪريو" جا زوردار نعرا لڳايا ويا ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته 18_18 ڪلاڪ بجلي جي هترادو لوڊشيڊنگ ڪري شهرين کي آزاريو پيو وڃي سڄي سڄي رات بجلي بند هئڻ ڪري شهري راتيون جاڳي گذارڻ تي مجبور آهن بجلي نه هجڻ ڪري ڪاروبار کي پڻ ڪاپاري ڌڪ رسيو آهي بجلي بند هئڻ ڪري شهر ۾ پيئڻ جي پاڻي جي پڻ کوٽ پيدا ٿي وئي آهي شهري پاڻيءَ جي ڦري لاءِ ترپي رهيا آهن مسجدن ۾ وضو لاءِ پاڻيءَ اٿلپ ٿي ريو آهي هنن وڌيڪ چيو ته کيترائي ڀيرا سيپڪو انتظاميه سان ملاقاتون ڪيون ويون آهن ۽ احتجاج ڪيا آهن ان جي باوجود به سيپڪو انتظاميه جي ڪن تي جون به نٿي چوري ڪن لاڳار ڪري شهرين کي ترپائي رهيا آهن اڳواڻن چتاءُ ڏيندي چيو ته بجلي جي لوڊشيڊنگ ختم ڪري پراڻو شيڊول بحال ڪيو وڃي بي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي.

بقايا 12

وارثن ۾ خوشي جي لهر رپورٽ موجب وڳڙ واسي دادو مدرسي مان گم ٿيل 2 نينگر هٿ گهر لاءِ نڪتل عبدالمنان ۽ ارشد چانڊيو رستو ڀلجي وڃڻ دوران ٻن ڏينهن کان گم هئا گهر پهچڻ تي وارثن ۾ خوشي جي لهر خبر موجب وڳڙ جي ڳوٺ سجيڏنو چانڊيو جا رهواسي دادو مدرسي ۾ پڙهندڙ 2 نينگر 10 ورهين جو عبدالمنان پٽ سجيڏنو ۽ 8 ورهين جو ارشد پٽ حسن علي چانڊيو مدرسي مان گهر لاءِ نڪري ويا جيڪي ٻن ڏينهن تائين گهر نه پهچڻ تي وارثن ۾ مايوسي ڇانئجي وئي اهڙي طرح وارثن پاران نينگرن جي مختلف شهرن مان ڳولا ڪندي خيرپور ناٿن شاهه واري علائقي مان هٿ ڪري ورتو جڏهن ته نينگرن جي گهر پهچڻ تي وارثن ۾ خوشي جهڙو ماحول ڇانئجي ويو ان حوالي سان وارثن جو چوڻ هو ته ٻارڙا دادو ۾ قائم هڪ مدرسي ۾ پڙهندا هئا جيڪي مدرسي انتظاميا کي بنا ٻڌائڻ جي نڪري ويا هئا ۽ رستو ڀلجي وڃڻ سبب ٻن ڏينهن تائين گهر نه پهتا جن جي ڳولا لاءِ سوشل ميڊيا تي مدد جي اپيل سميت دادو ضلعي جي مختلف شهرن ۾ وڃي جاچ ڪئي اهڙي طرح ٻارڙا ڪي اين شاهه واري علائقي مان هٿ ڪري گهر آندا ويا آهن.

بقايا 13

جي تعميلات نه ڪرڻ تي ناراض, ڪنڊ ومستي ۽ اڪنامڪ زون ٿاڻي جي ٿاڻيدارن سميت ڏهن عملدارن خلاف شوڪاز نوٽيس جاري, عدالت ۾ پيش ڪرائڻ لاءِ ايس ايس پي خيرپور کي ليٽر. تفصيل مطابق خيرپور جي فرسٽ سول جج ۽ جوڊيشل ماجسٽريٽ نديم احمد ٻرڙو جي عدالت عدالتي حڪمن جي تعميلات نه ڪرڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي اڪنامڪ زون ٿاڻي ۽ ڪنڊ ومستي ٿاڻي جي ايس ايڇ او طالب حسين جسڪاڻي ايس ايڇ او طالب حسين جوڻيجو ايس ايڇ او محمد بچل قاضي جاچ عملدار سب انسپيڪٽر محمد امين پتي اي ايس آءِ صوبدار علي عمراڻي اي ايس آءِ عطاالله جاگيراڻي اي ايس آءِ علي مراد مهراڻي اي ايس آءِ مشتاق علي بگٽي اي ايس آءِ الهندو خان جوڻيجو ۽ اي ايس آءِ مشتاق علي بگٽي خلاف قلم 166 ڏسو ساڻ سيڪشن 174 ۽ 175 تحت شوڪاز نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن عدالت ان سلسلي ۾ ايس ايس پي خيرپور کي ليٽر جاري ڪندي حڪم ڏنو آهي ته ڪين عدالت ۾ پيش ڪرايو وڃي.

بقايا 14

ڪيل بيان موجب ايس ايس پي سکر اظهر خان جي هدايتن تي سماج دشمن عنصرن خلاف ضلعي پوليس جي موثر ڪارروايون دوران پوليس مقابلن ۾ وڌيڪ ٻن جوابدارن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي ايس ايڇ او دادلو معمول جي گشت تي هو ته رات دير سان ملا علي لنڪ روڊ تي ڇٽن هٿيارن پوليس کي ڏسندي ئي فائرنگ ڪئي پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ هڪ جوابدار زخمي ٿي پيو جنهن جي سڃاڻپ امتياز ولد ممتاز چاچڙ گهوٽڪي واسي جي نالي سان ٿي آهي جوابدار جي قبضي مان هڪ عدد ڪي ٽي پستول هٿ ڪيو ويو جڏهن ته ٻي جوابدار رات جي اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿي ويا. ٻيو پوليس مقابلو ايئرپورٽ ٿاڻي سکر جي حدن ۾ ٿيو جتي ايس ايڇ او گشت دوران جاگير موڙ تي پهتو ته اتي ڪنهن واردات جي ارادي سان بيٺل ڪن هٿيار بندن پوليس جي ڏسندي مٿن سڌي فائرنگ ڪئي پوليس به جوابي فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ محمد قاسم ولد نور محمد چاچڙ نالي جوابدار ريٽل ڏڙي چاچڙ گهوٽڪي زخمي ٿي پيو جڏهن ته به جوابدار فرار ٿي ويا جوابدار جي قبضي مان هڪ ٽي ٽي پستول ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون آهن ٻنهي زخمي جوابدارن کي طبي امداد لاءِ پوليس جي حراست ۾ اسپتال داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا 15

هيبت لولائي جي نالي سان ٿي آهي پوليس پاران جاري ڪيل پريس رليز مطابق ته رات دير سان جاڙي واهه لنڪ روڊ تي پوليس جو ڌاڙيلن سان مقابلو ٿيو جي سيڪشن پوليس مطابق ته ڪين اطلاع مليو ته اٽجا ل هٿيار بند ڏوهه جي ارادي سان موڪروي طرف وڃي رهيا آهن ان دوران پوليس پهچڻ تي ڌاڙيلن سان مقابلو ٿيو جنهن دوران هڪ ڏوهاري مارجي ويو آهي. جنهنجي سڃاڻپ وارو پوليس آها به دعوا ڪئي ته فائرنگ دوران 2 کان 3 ڌاڙيل زخمي پڻ ٿيا آهن جن جي گرفتاري لاءِ ناڪا بندي ڪئي وئي پر ڪو به هٿ نه اچي سگهيو.

بقايا 16

ڌاڙيل منصوبو آهي سنڌ جي زمينن تاريخي ماڳن جو سودو ڪنهن به نالي ۾ قبول ناهي پيپلز پارٽي ۽ ان کي اقتدار تي مسلط ڪندڙ طاقتن کي هر صورت ۾ ڪئنالن جي منصوبي تان دستبردار ٿيڻو پوندو سنڌو درياهه 7 ڪروڙ ماڻهن جي جياپي جو ذريعو آهي چولستان سميت 6 ڪئنال موت جو پروانو آهن. سنڌ حڪومت درياهه ۽ زمين لاءِ سنڌي ماڻهن جي هلندڙ عظيم جدوجهد کي ڌڪ هڻڻ لاءِ سي سي آئي ميٽنگ ۾ دوکو ۽ فراڊ ڪيو آصف زرداري ٻيهر اقتدار خريد ڪرڻ ۽ ڪرپشن لاءِ پئسا ڏئي 2 مهينن لاءِ ڪئنالن جو ڪم ملتوي ڪرايو آهي اياز لطيف پليجي چيو ته وفاق حڪومت ۽ سنڌ حڪومت ٻڌي ڇڏين ته سنڌ جا ماڻهو ڪنهن به صورت ۾ زمينن جو سودو ۽ ڪئنال ناهڻ نه ڏيندا اياز لطيف پليجي ڪراچيءَ جي قديم مهاڻن جي 7 آبادين سميت 19 ڳوٺن کي ڪراچي پورٽ پاران گهر خالي ڪرڻ جا نوٽيس جاري ڪرڻ جي مذمت ڪندي چيو آهي ڊي پي حڪومت کي غير قانوني لکين افغاني, بنگالي ۽ ٻيا پرڏيهي نظر نٿا اچن ڌرتي ڌڻي قديم مهاڻن کي لڏائڻ لاءِ غير قانوني نوٽيس ڏنا ويا آهن پيپلز پارٽي وٽ سنڌ جي ترقي ۽ سنڌي ماڻهن جي مفادن لاءِ ڪو به منصوبو ناهي فوري طور تي مهاڻن جي 19 ڳوٺن کي ڏنل نوٽيس واپس ورتا وڃن

بقايا 17

گڏجي بااثرن جي مبينا زيادتين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي پورهيت لياقت علي منگي پنهنجي گهرواري زرينه ڌيئڻ مسڪان زهره رافعه حرمين ۽ پٽ ياسين منگي سان گڏجي دانهيندي چيو ته مان لاهوري محلاو ۾ اي سي ۽ فرج جو ڪم ڪندو آهيان 8 مهينا اڳ غريب آباد پاڙي جي رهواسي سعودي عرب ۾ رهائش اختيار ڪندڙ سعيد ماڇي کان 15 هزار ماهوار مسواڙ تي جڳهه ورتي جنهن کي سون ايڊوانس ۾ 25 هزار ڏئي بعد ۾ گهر ڀاتين سان گڏجي مسواڙي جڳهه ۾ رهائش اختيار ڪئي هن الزام لڳايو ته 10 ڏينهن اڳ جڳهه مالڪ سعيد ماڇي وارن 10 ڏينهن ۾ جڳهه خالي ڪرائڻ جو چيو جنهن کان اسان مهلت گهري پر ان جي باوجود سعيد احمد ماڇي جي ٻارن گهر ۾ گهڙي زبردستي منهنجي ٻارن کي تشدد جو نشانو بڻائي 200 والٽ واري بيٽري, هڪ ليپ ٽاپ, چارجس 5 هزار روڪ رقم کڻي ويا اهڙي ايز سي حد جي وليد ٿاڻي تي داخل ڪرائي ورمين ٿاڻي جي پوليس کي شڪايت ڪئي جنهن تي سعيد ماڇي جا گهر ڀاتي ڌمرجي ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جيڪا وڏي زيادتي آهي. هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته بااثرن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 18

خلاف تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ پنهنجي وڪيل معرفت پٽيشن داخل ڪرائي ڇڏي تفصيل موجب سيدا رجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڏينگل خان ويسر جي رهواسڻ مسمات عشا ڌيءُ ضمير ويسر پنهنجي وڪيل ايڊوڪيٽ علي احمد رند معرفت عدالت سکوري ۾ فيضان علي ولد شهداد علي ويسر سان نڪاح ڪري ڇڏيو آهي جنهن بعد ڪورٽ ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجو والد ضمير ويسر منهنجي مرضي بغير وڏي عمر جي همراهه سان شادي ڪرائي رهيا هئا جنهن سبب مان مجبور ٿي خالي هٿين ڪن ڪپڙن ۾ گهران نڪري شريعت مطابق عدالت سکوري جي حڪم تي نڪاح ڪيو آهي مسمات عشا چيو ته منهنجو والد ضمير ويسر چاچو بشير ۽ عزيز عبدالرزاق عبدالغفور محمد بخش, غلام نبي ويسر ۽ ان جا ساٿين اسان کي جاني مالي خطرو آهي جن مٿان عدالت سکوري ۾ تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي هو اسان کي نقصان پهچائڻ لاءِ منهنجي مڙس ۽ ان جي خاندان کي اغوا ٿي سميت مختلف ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن انهن مان اسان کي خطرو آهي هن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور ايس ايڇ او سيدا رجا کي اپيل ڪئي ته اسان کي جاني مالي تحفظ فراهم ڪندي زندگيون بچايون وڃن

بقايا 19

مظاهرا ۽ تعزيتي ميڙ ڪوٺايا ويا, مٽياري يونين آف جرنلسٽ وورڪرز ضلعي مٽياري جي صدر عبدالغفور عرف ادا پائو ميمڻ جي اڳواڻي ۾ صحافين اختيار ميرجت سجاد ميمڻ علي حيدر ميمڻ غلام قاسم پلال سجاد ميمڻ رانا عبدالقيوم رانا نديم علي رضا ميرجت شاهد حسين ميمڻ محمد سهيل راجپوت ۽ ٻين پاران سنڌ سميت سموري ملڪ پاڪستان ۾ صحافين سان ٿيندڙ ڏاڍ, جبر ناانصافين تشدد ۽ قتل عام خلاف ڀٽ شاهه پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي جڏهن ته صحافي سيد آصف شاهه جي چاچي جي وفات تي تعزيتي ميڙ ڪوٺايو ويو جنهن دوران مرحوم جي مغفرت ۽ ايصال ثواب لاءِ فاتحه پڙهي دعا گهري وئي ٻئي پاسي هالا, ڪبير نيو سعيد آباد, مٽياري ۾ پڻ صحافت جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان پريس ڪلبن آڏو احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا صحافتي مظاهرن ۾ مٽياري يونين آف جرنلسٽ وورڪرز جي عهديدار ۽ ميمبرن جنهن ۾ عبدالغفور ميمڻ عبدالغفور ملاح فرحان شيخ سهيل پينهور بابر ترڪ علي حيدر ملاح قاسم پلال سهيل راجپوت, نعيم قريشي عقيل پنهور نثار احمد لغاري, رياض چانڊيو مختيار اعجاز ٻگهيو خدا ڏنو لاکو محمد دين بلوچ قاسم قنبراڻي سڪندر سمون معشوق قنبراڻي جي اڳواڻي ۾ ڪبير ڀٽ شاهه هالا سعيد آباد ۽ مٽياري ۾ صحافتي ڏهاڙي جي سلسلي ڪيل مظاهرن جي اڳواڻي ڪندي صحافين کي تحفظ ڏيو شهيد صحافين جي قاتلن کي سزا ڏيو پيڪا ايڪٽ نامنظور جا زوردار نعرا هڻي رهيا هئا ان موقعي تي مٽياري يونين آف جرنلسٽ وورڪرز ضلعي مٽياري جي صدر عبدالغفور عرف ادا پائو ميمڻ ڪبير ڀٽ شاهه هالا جي صحافين کي خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان گورنمينٽ ملڪ ۾ خاص ڪري سنڌ جي صحافين کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام وئي آهي موجوده حڪمران صحافين کي هيسائڻ لاءِ مٿن هترادو ڪوڙا ڪيس داخل ڪندي سنڌن گهر ڀاتين معصوم ٻارن کي هيسائيندي ڪين پريشان ڪري رهي آهي مگر پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ ورڪرز جي قائد ميٺم سادي ڪمال جي اڳواڻي ۾ ملڪ ڀرجا صحافي ورڪر هڪ آواز بڻيل آهن جيڪي ڪنهن به صورت ۾ ڏاڍ وجبر جي سامهون نه جهڪندا ۽ قلم وسيلي صحافين کي شهيد ڪرائيندڙ صحافي دشمن خلاف رڪ جي ديوار بڻجندي سنڌن مقابلو ڪندا ۽ ملڪ ڀر جي صحافين سان مٽياري يونين آف جرنلسٽ ورڪرز جا ميمبر متاثر صحافي پاڻن سان هر وقت گڏوگڏ رهندا.

بقايا 20

ٻڙدي جي سالگره تقريب خبر موجب ميرپور بلوري ۾ سنڌ هائوس تي جيئي سنڌ قومي پارٽي پاران قومي پارٽي ۾ شموليت ڪندڙ نون ساٿين ڪامريڊ يوسف ڪنيان ٺيڪيدار بشير ملاح, امير بخش ملاح, بابو ملاح بهادر علي ڪنيان سردار ڪنيان سجاد مگڻهان اشفاق مگڻهان جمن ملاح ۽ ٻين جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو آجياڻي کي صدارتي خطاب ڪندي جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين ۽ جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي جي ڪنوينر نواز خان زئور چيو ته سياست ئي قومن کي بچائي ٿي. سياست به جانبدار ٿيندي آهي جاگيردار عوام دشمن وطن فروش ۽ بيلڪيٽ پسند سياست قومن کي غلامي ۽ تباهي ڏانهن ڌڪيندي آهي ان جي ابتڙ وطن دوست, عوام دوست, قومپرست ۽ روشن خيال سياست قومن کي خوشحالي, آزادي ۽ ترقي ڏانهن وٺي ويندي آهي سنڌي قوم جو مستقبل قومپرست سياست سان سلهاڙيل آهي ان ڪري سنڌين کي قومپرست سياست جو حصو ٿيڻ کپي نواز خان زئور وڌيڪ چيو ته ڪئنالن واري تحريڪ کي وڪيلن جتي پهچايو آهي اتان کان اسان ان کي اڳتي وٺي ويندا سين ۽ سنڌو درياهه جي مڪمل بحاليءَ تائين پهچائي ڪامياب ڪندا سين پنجاب کي سنڌو نديءَ جو رخ موڙڻ نه ڏيو ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي ۾ سنڌ جي زمينن تي ۽ ٻين پيداواري وسيلن تي قبضو ڪيو پيو وڃي. وفاق جي نالي ۾ پنجاب سنڌ جا وسيلا ڦٻائي رهيو آهي هر قسم جي ڦرلٽ جي خلاف جدوجهد ڪري ڦورو قوتن کي شڪست ڏينداسين. ان موقعي تي ڪامريڊ يوسف ڪنيان نانا سرائي عثمان زئور ايم زئور وقار ميراڻي داب علي قنبراڻي شفيع محمد زئور لطيف زئور ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو ٻئي طرف جهمپير ۾ جيئي سنڌ قومي پارٽي طرفان سائين رسول بخش درس جي اوطاق تي قومپرست اڳواڻ ۽ لطيف جي پارکو ساگر حنيف ٻڙدي جي سالگره تقريب منعقد ڪئي وئي. ساگر حنيف جي سالگره جو ڪيڪ ڪٽيو ويو ۽ خراج تحسين پيش ڪيو ويو انهي موقعي تي تقريب کي قومي پارٽي جي اڳواڻ قادر بخش زئور وڪيل خاصخيلي, جسقم بشير خان جي ننگر درس, سرمد درس, اسماعيل درس, حنيف بروهي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ساگر حنيف ٻڙدي قومي فڪر کي جهرجهنگ ۾ ڦهلايو ۽ لطيف جي پرچار ڪئي هو هڪ بهترين مقرر هو ساگر حنيف سيد ۽ سنڌ جو عاشق هو سنڌ جي عشق ۾ سنڌس ڳوٺ کان جيڪو سفر شروع ڪيو اهو سفر هن سڄي سنڌ تائين سيد ۽ سنڌ جي عشق بڻجي هڪ سڃاڻپ بڻجي ويو ساگر حنيف ٻڙدي وڇڙيو ضرور آهي پر وسريو ناهي.

بقايا 21

اصغريه آرگنائيزيشن پاڪستان يونٽ سيدا رجا جون چونڊون ڊويزنل صدر محمد خان حسيني جي نگراني ۾ ٿي گذريون جنهن ۾ سال 2025 لاءِ صدر امير بخش لنڊ بلوچ . نائب صدر امير حسن جعفر, جنرل سيڪريٽري دلاور حسين ملاح, فنانس سيڪريٽري نور عباس لنڊ, پريس سيڪريٽري مختار حسن پتوڪي منتخب ڪيو ويو

بقايا 22

شڪيل احمد ابڙو پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ سابق صوبائي وزير ۽ ميمبر سنڌ اسيمبلي امتياز احمد شيخ, پاران ڊپٽي ڪمشنر آفيس شڪارپور ۾ مينهن جي واڙڻ جي تعمير جي حوالي سان گڏجاڻي ڪوٺائي وئي. گڏجاڻي جي صدارت پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ سابق صوبائي وزير ۽ ميمبر سنڌ اسيمبلي امتياز احمد شيخ, ڊسٽرڪٽ ڪائونسل چيئرمين سردار ذوالفقار علي خان ڪماريو اسسٽنٽ ڪمشنر شڪارپور محمد فيضان چيما, پراونشل بلڊنگ سڪر ايڪسين داڻومل, ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ اينمل هسبنڊري شڪارپور ڊاڪٽر ذوالفقار علي مهر, ايس ڊي او پراونشل بلڊنگ سڪر آفتاب انصاري, ٺيڪيدار معصوم شاهه ڊي ايس پي شڪارپور سيد شاهجهان شاهه ۽ ٻين عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 23

الائينس جو وائيس چيئرمين چونڊجي ويو, ڪنڌيارو ۾ آل پارٽيز الائنس جي 2025 جي ڪنوينر چونڊ لاءِ گڏجاڻي چيئرمين مولانا محمد رمضان خاصخيلي جي صدارت ۾ منعقد ڪئي وئي گڏجاڻيءَ ۾ آل پارٽيز الائينس ۾ شامل پارٽين جي يو آءِ جي اڳواڻ مفتي حماد الله بروهي, جماعت اسلامي جي مولانا محمد هاشم لاشاري, پ پ پ شهيد ڀٽو جي عمر دراز قائم خاني, سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي انور سولنگي, جيئي سنڌ قومي محاذ جي محمد هارون ڪلهوڙو, سهيل گهانگهرو تحريڪ انصاف پاڪستان جي عبدالرزاق ملاح, شيعا علماء ڪائونسل جي واجد حسين عباسي, ترقي پسند پارٽي جي انيس الرحمان سهتو, سنڌ گريجوئيٽ ايسوسي ايشن جي اڳواڻ رفيق احمد مهيسر نوجوان اتحاد جي اڳواڻ سرمد شاهه, پورهيت اتحاد جي اڳواڻ زين سيال ۽ جوڳي ويلفيئر جي سڄڻ جوڳي سميت ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. چونڊ اجلاس ۾ ڪنڌيارو ڊگري ڪاليج جي اڳوڻي پرنسيپال عبدالستار ابڙو کي هڪ سال لاءِ الائنس جو چيئرمين ۽ جيئي سنڌ قومي محاذ جي اڳواڻ محمد هارون ڪلهوڙو کي وائيس چيئرمين چونڊيو ويو گڏجاڻي بعد نئين ڪنوينر عبدالستار ابڙو صحافين کي بريفنگ ڏيندي چيو ته ڪنڌيارو شهر ۾ بجليءَ جي اڻ اعلانيل لوڊ شيڊنگ ,نادرا پاران غريب عوام کي لٽڻ ۽ اڏنگو رويو اختيار ڪرڻ ,تعلقا اسپتال ۾ دوائن جي کوٽ ,ٽائون انتظاميا پاران صفائي نه ڪرائڻ سميت ٻيا مسئلا غور هيٺ آندا ويا تنهن بعد فيصلو ڪيو ويو آهي ته سڀ کان پهرياڻين سيپڪو عملدارن سان ملاقات ڪري انهن کي بجلي لوڊشيڊنگ تي ڪنٽرول لاءِ وارننگ ڏني ويندي تنهن بعد به لوڊشيڊنگ تي ڪنٽرول نه ٿيو ته پوءِ احتجاج جو سڏ ڏنو ويندو ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ به لاڳاپيل ادارن سان ملاقاتون ڪري ڪين عوامي مسئلن کان آگاهه ڪيو ويندو لاڳاپيل آفيسرن سان ملاقاتن ۾ سمورا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ لکت ۾ درخواستون ڏنيون وينديون تنهن باوجود به مسئلا حل نه ٿيا ته آل پارٽيز الائنس پاران مرحلي وار احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي.

بقايا 24

ڪيل ٻڌرائي ۾ ڄاڻايو آهي ته روهڙي ڪينال ۾ پاڻي جي کوٽ سبب نصرت ڊويزن مان نڪرندڙ مختلف شاخون وارا بندي سبب 10 مئي صبح 6 وڳي تائين بند رهنديون ٻڌرائي ۾ وڌيڪ ڄاڻايو ويو آهي ته ٽيٽري مائنر ڪوٽ لالو مائنر چنري ڊسٽري, شير خان مائنر عبدالحسين مائنر نيو دوڙ مائنر فريم آباد مائنر ڊولو مائنر شنر مائنر ڊورو کهنجر مائنر اڪدوٺي مائنر پٽ مارو ڊسٽري, ڌوهجي مائنر ڪياريون مائنر ڊورونارو مائنر پنجوچن مائنر جهيمل مائنر نواز ڏاهري مائنر چنا ڊسٽري, گبري مائنر رٿو مائنر چمڙو مائنر شاهپور ڊسٽري ۽ برهون مائنر 5 مئي کان 10 مئي صبح 6 وڳي تائين بند رهندا.

بقايا 25

ملازم ساٿين ڀٽ بڻيل پنهنجي نگراني ۾ واهن جا ڪير ڪٽي لڳا ۽ تري مان مٽي توڙي واري ڪٽائي وڪرو ڪرڻ لڳا, روڪيندڙ مقامي ماڻهن مٿان ڪيس داخل ڪرائڻ جون ڌمڪيون, ايريگيشن جا اعلي عملدار بي خبر بڻيل فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو ويو, اهڙو احتجاج مقامي ماڻهن رحيم بخش ڪليري, منظور احمد, شهزاد علي, زاهد علي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪندي الزام هنيون آهي ته خانگي ٺيڪيدار شاهد علي ڪلوڙ هڪ ڏينهن اڳ غيرقانوني ڏينگڙو واهه مان مٽي ڪٽي وڪرو ڪرڻ بابت روزاني سڪار گهوٽڪي جي ضلعي بيورو گهوٽڪي 91 ريڊيو ايف ايم جي اينڪر رشيد ڪليري پاران منع ڪرڻ تي ڪيس موتمار ڌمڪيون ڏنيون ۽ ڪيس داخل ڪرائڻ جو به ڏڙڪو ڏنو اهڙي صورتحال ايريگيشن عملدارن کي ڏيڻ بعد سيدا ڊائريڪٽر شبير احمد پتوجي پهچڻ تي خانگي ٺيڪيدار ڪرين مشينون ۽ ٽرائيون ڇڏي مزدورن سميت ڀڄي ويو مقامي ماڻهن احتجاج ڪندي چيو آهي ته ڄاڻايل خانگي ٺيڪيدار کي ڪجهه ايريگيشن هيلين ۽ نئين ملازمن جي آشيرواد آهي جيڪي ساٿن مٽي ڪٽائڻ مهل نگراني ڪري رهيا هئا هنن چيو ته واهن مان مٽي ڪٽڻ ۽ ڪير ڪمزور ٿيڻ بعد واهن ۾ پاڻي اچڻ تي گهارا پون ٿا جنهن ڪري نه صرف ماڻهن جا فصل ٻڏن ٿا پر انهن جا گهر به پاڻي جي لپيٽ ۾ اچي وڃن ٿا ۽ ڪڏا هجڻ ڪري ٻارڙا ٻڏي فوت ٿيڻ جو واقعا پڻ ٿيندا رهن ٿا, هنن ڊائريڪٽر سيدا سميت ٻين اعلي عملدارن کان مطالبو ڪيو ته اهڙي مافيا خلاف ڪارروائي ڪري ماڻهن کي هن ناسور مان جان ڇڏائي وڃي بي صورت ۾ عدالت جو دروازو کڙڪايو ويندو

بقايا 26

آباد ۽ شيخ زيد محلا جي رهواسين بجلي جي لوڊشيڊنگ خلاف جي ٽي روڊ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڪلاڪن کي باهيون ڏئي سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي رهواسين صفت علي جتوئي محبوب مگسي, صدام لاشاري, سجاد جاگيراڻي اظهر ڪلهوڙو سلام سانگي ۽ ٻين دانهيندي چيو ته اسين جو واسطو پورهيت طبقي سان آهي ۽ اسين هر مهيني بجلي جو بل ادا ڪندا آهيون هن وقت اسان جي علائقي ۾ ڪنڊي جو ڪو به ڪنيڪشن ناهي پر ان جي باوجود لائين سپرنٽينڊنٽ ارشاد ڪوڪر ۽ سيپڪو عملي جي چوڻ تي سيپڪو طرفان اسان جي علائقي ۾ 20 کان 22 ڪلاڪ بجلي جي لوڊ ڪٽي پئي وڃي لوڊشيڊنگ سبب مڇرن جو آزار وڌي ويو آهي ۽ علائقي واسي مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويا آهن بجلي نه هئڻ جي ڪري پاڻي جي کوٽ آهي ۽ سرڪاري توڙي خانگي آفيس ويندڙ ملازمن سان گڏ اسڪول ويندڙ ٻارن کي سخت مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن بار بار شڪايتن جي باوجود بجلي لوڊشيڊنگ ختم نه ٿي سگهي آهي جنهن ڪري اڄ مجبور ٿي اسين روڊن تي نڪري آيا آهيون هنن مطالبو ڪيو ته لائين سپرنٽينڊنٽ ارشاد ڪوڪر ۽ عملي خلاف ڪارروائي ڪري لوڊشيڊنگ جو خاتمو آندو وڃي بي صورت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 27

رهواسين لاءِ ملو زهر بڻجي ويو آر او پلانٽ انتظاميا جي مجرماڻ غفلت سبب ڪافي عرصي کان خراب رهواسي زهريلو پاڻي پيئڻ تي مجبور تفصيل مطابق نواب ولي محمد شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن جي پيئڻ جي پاڻي ۾ سنکيو ظاهر ٿيڻ ڪري رهواسين پاران مختلف ليبارٽري سان پاڻي چڪاس ڪرايو ويو پاڻي ۾ ٽي ڊي ايس 19 سو تائين پهچي وڃڻ ڪري پيئڻ جو ملو پاڻي رهواسين لاءِ ملو زهر بڻجي ويو آهي علائقي واسي جگر جي خطرناڪ بيمارين مبتلا ٿي موت جي منهن ۾ هليا ويا سماجي اڳواڻ ميان عمران انڙ طرفان لکين روپين جي لاڳت آر او پلانٽ اسپتال ۾ لڳرايو انتظاميا جي مجرماڻ غفلت سبب آر او پلانٽ جا موٽر ڪافي عرصي کان خراب آهن. شهري جرجو زهريلو پاڻي پيئڻ تي مجبور آهن شهرين ڊي سي شهيد بينظير آباد ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر قاضي احمد کان مطالبو ڪيو ته هن معاملي جو نوٽيس وٺي آر او پلانٽ جا خراب موٽر درست ڪرايو وڃي.

بقايا 28

مظاهرو ڪري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجو چاچو سدار مغيري جيڪو منهنجو سهرو به آهي ۽ سالو شاهد علي 2 مهينا پهريان منهنجي گهرواري ۽ منهنجي ٻارن کي پنهنجي گهر وٺي ويا هيا ۽ هاڻي مونکي پنهنجي ٻارن سان ملاقات ڪرڻ نٿا ڏين ۽ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ته توکي ماري ڇڏينداسين هن چيو ته مان دربدري واري زندگي گذاري رهيو آهيان هن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته مونکي منهنجي زال ۽ ٻار واپس ڪرائي ڏنا وڃن.

بقايا 29

موٽر سائيڪل ڦر اڄ جمعي جي ڏينهن قومي شاهراهه تي قائم ڳوٺ ٻوزدار ۾ جمعي جي نماز پڙهڻ لاءِ ويندڙ ڳوٺائي عبدالوحيد ٻوزدار جي مسجد ٻاهران بيٺل نئي سي ڊي 2025 ماڊل موٽر سائيڪل چابي چور ڪاهي فرار ٿي ويا. 2 ڏينهن پهريان نواب ولي محمد پوليس ٿاڻي جي حد ۾ سنڌن ئي ٿاڻي جو پوليس اهلڪار احسان ڪلوڙي کان اٽجا ل ڦورو سي ڊي موٽرسائيڪل ڦر ڪري باآساني فرار ٿي ويا. هوڏانهن گذريل رات ڪامريڊ زاهد چانڊيو جي سوٽ کان سنڌس ڳوٺ ويجهو ڪچي رستي تي ڦورون موٽر سائيڪل ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي پر نوجوان ڦورن کان ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو نواب ولي محمد پوليس علائقي ۾ امن ڪرائڻ ۾ مڪمل ناڪام علائقي واسين ايس ايس پي نواب شاهه کان مطالبو ڪيو آهي ته نواب ولي محمد ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ سخت قدم کنيا وڃن ۽ شهرين کان ڦريل سامان واپس ڪرايو وڃي.

بقايا 30

ڪرمپور پوليس قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدارن کان پئسا وٺي اسان مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو آهي, جوابدار نوجوان ٻهرام چوليائي جي قتل ڪيس تان هٿ ڪڍائڻ چاهين ٿا, متاثر ڳوٺائن خبر موجب: ڪرمپور جي ڳوٺ ڪريم خان چوليائي رهواسي ڳوٺائن علي گوهر چوليائي ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته ڪجهه هفتا پهريان پنهنجي ئي چوليائي برادري جي بااثر هٿيارٻندن اسان جي نوجوان ٻهرام علي چوليائي کي بيگناهه قتل ڪيو ويو هو, جوابدار ڏاڍ بااثر آهي, هاڻي جوابدار ڌر ڪرمپور پوليس سان ملي ڪري قتل ڪيس تان هٿ ڪڍائڻ لاءِ پنهنجو بلال پاڻ ساڙي اسان تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو اٿن, جيئن فريادي ۽ شاهد قتل ڪيس جي پيروڪاري نه ڪن ته ڪيس ڪمزور ٿئي, آءِ جي, سنڌ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو, ايس ايس پي ڪشمور ڪنڌڪوٽ ۽ ٻيا وس وارا اسان سان ٿيندڙ ناانصافي جو نوٽيس وٺي تحفظ انصاف ڏيارين.

بقايا 31

ليٽر تي هجڻ خلاف لطيف پارڪ کان شهدادپور پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو خبر موجب شهدادپور ۾ ڪراچي ڊفينس پوليس جي زيادتين ۽ لا جي شاگرد شهباز خاصخيلي تي وحشياڻو تشدد خلاف لطيف پارڪ کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهرين شهدادپور بار ايسوسيئيشن صدر آغا افتخار ترين طارق محمود آرائين تاجر اڳواڻ حاجي غلام دستگير قريشي امان ناگره عاصر پتي پي ٽي آئي اڳواڻ منوچهر گجر ذوالفقار نريان متحده اڳواڻ عارف شيخ بروهي اتحاد اڳواڻ نظير احمد بروهي سميت ٻين خطاب ڪندي چيو ته ڪراچي ڊيفينس پوليس گردي ڪندي نوجوان شهباز خاصخيلي ۽ ٻين نوجوان تي بلا جواز تشدد ڪري ڪيس وينٽي ليٽر تي پهچائي ڇڏيو آهي ۽ انهن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي هنن چيو ته پوليس جي اهڙي ڪريل حرڪت تي آئي جي سنڌ پوليس کي نوٽيس وٺڻ گهرجي ها پر پوليس خلاف ڪا به ڪارروائي نه ڪئي وئي آهي هنن چيو ته پوليس جو ڪم رڳو هاڻ منٿليون وصول ڪرڻ پوليس گردي ڪرڻ رهجي ويو آهي انسانيت جا سڀ ليڪا لتاڙيا ويا آهن هن ايس ايڇ او سميت سمورن ملوث عملدارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪندي ان واقعي جي جاچ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 32

نوابشاهه پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو جتي اڳواڻن ياسر بالادي شاهزيب انڙ ۽ ٻين چيو ته شهيد بينظير ڀٽو جنرل يونيورسٽي ۾ شاگردن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ سان گڏ زيادتيون ٿي رهيون آهن پرامن احتجاج ڪيون ٿا ته دهشتگردي جا ڪيس داخل ٿين ٿا هنن چيو ته يونيورسٽي جو سيڪورٽي انچارج قانون جي ابتڙ رکيو ويو آهي جيڪو شاگردن تي ظلم ڪري ٿو هنن وسوارن کان مطالبو ڪيو ته يونيورسٽي جي وي سي ۽ سيڪيورٽي انچارج کي هٽايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 33

۾ پيش بيان بعد پيءُ حوالي ڪئي وئي گرفتار شهري کي ڇڏيو ويو رپورٽ موجب وڳڻ مان اغوا ڄاڻايل عورت راجوڙي ذريعي سکر واري علائقي مان هٿ پوليس پاران ڪورٽ ۾ پيش بيان بعد پيءُ حوالي ڪئي وئي گرفتار شهري کي ڇڏيو ويو خبر موجب وڳڻ شهر جي سومرا پاڙي مان 15 ڏينهن اڳ گهر مان پراسرار نموني نڪري ويل ٻن ٻارڙن جي ماءُ بابره زال احسان انصاري واري واقعي تي ناري جي پيءُ پاران وڳڻ ٿاڻي تي اغوا ڪيس داخل ڪرائڻ بعد ڪيس راجوڙي ذريعي سکر واري علائقي مان هٿ ڪري وڳڻ ٿاڻي تي آندو ويو جنهن کي پوليس ڪسٽڊي ۾ ڪنزيومر سول جج قمبر جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو جتي ناري بيان ڏيندي چيو ته مون تي مڙس ۽ ڏير تشدد ڪندا هئا جنهن سبب معصوم ڌيءُ عليزه ساڻ ڪري گهر مان نڪري ويس مون کي ڪنهن به اغوا ناهي ڪيو والدين جي پريشاني ڏسي واپس ٿي آهيان ۽ انهن ڏانهن وڃڻ چاهيان ٿي اهڙي بيان بعد عورت کي پيءُ محرم سولنگي حوالي ڪيو ويو جڏهن ته وڳڻ پوليس عورت اغوا جي الزام هيٺ گرفتار ڪيل شهري محمد ايوب مگريو کي شخصي ضمانت عيوض آزاد ڪري ڇڏيو ان حوالي سان وڳڻ ٿاڻي جي وڏي منشي حبدار ڦليوٽي ٻڌايو ته عورت پاڻ مراد ۽ گهران نڪتي هئي جنهن جي ڳولا ڪندي ڪيس سکر مان هٿ ڪري ضلعي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو جتي بيان بعد ڪيس پيءُ حوالي ڪيو ويو آهي ۽ اغوا الزام هيٺ گرفتار ڪيل شهري کي شخصي ضمانت تي ڇڏيو ويو آهي اهڙي طرح داخل ڪيل ڪيس کي وارثن مطابق خارج ڪيو ويندو.

بقايا 34

جي ڳوٺ سيد غلام شاهه جي رهواسي مهينو اڳ گهران نڪرڻ بعد گم ٿي ويل نوجوان جي ڳولا ۾ مدد لاءِ سنڌس پاءُ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي پراسرار نموني گم ٿي ويل نوجوان جي پاءُ عمران علي ڪلهوڙو دانهيندي چيو ته منهنجو 38 ورهين جو پاءُ حاجي مختيار علي ڪلهوڙو گذريل عيدالفطر جي ٻئي ڏينهن گهران نڪرڻ بعد پراسرار نموني گم ٿي ويو جنهن کي باقراڻي ڏوڪري ۽ لاڙڪاڻي شهر جي مختلف علائقن توڙي ڳوٺن ۽ مٽ مائٽن وٽ ڳولا ڪرڻ سميت سنڌس گمشدگي جو اطلاع حد جي باقراڻي ٿاڻي تي ڏئي اين سي داخل ڪرائي پر ان جي باوجود سنڌس جو ڪو به ڏس پتو نه پئجي سگهيو هن چيو ته اسان جي ڪنهن سان ڪا به دشمني ناهي خبر ناهي ته پاءُ ڪهڙي حال ۾ هوندو جنهن ڪري سمورا گهرڀاتي سخت پريشان آهيون ۽ اسان جي گهر ۾ ڪهرام متل آهي هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته گم ٿيل پاءُ جي ڳولا ۾ مدد ڪري ڇانيل پريشاني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 35

سوري سري ويا خبر موجب اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ ڪسيڪڙي ۾ 10 سوري سري ويا سورڻ ۾ بيماري سون جي تعداد ۾ سورهڻ لڳا ۽ ڪافي سارا سور بيمار, وائيلڊ لائيف ڊپارٽمينٽ پاران متاثر ڳوٺن ۾ ڪائي ٽيم نه پهتي ۽ نه وري بيماري جي تشخيص ڪئي وڃي ٿي ڳوٺاڻي اها گهر ڪئي آهي ته ترت سورن جو علاج ڪيو وڃي ۽ ٿر جي خوبصورت پکي جنهن سان ٿر جو هر ماڻهو پيار ڪري ٿو ۽ پنهنجي گهر جو پاتي سمجهي محبت ڪري ٿو ان سهڻي پکي کي موت کان بچايو وڃي. گورنمينٽ وائلڊ لائيف ڪاٽي ۽ ٿر فائونڊيشن وارن کان اهيا به گهر ڪئي ته متاثر ڳوٺن ڏانهن ٽيمون موڪلي انهن جي ڪاڏي لاءِ گورنمينٽ پاران جوڳا اپاءَ وٺڻ گهرجن. هنن وڌيڪ چيو ته اڪثر سور بک جي ڪري بيمارين جي ورچڙهي سري رهيا آهن ان لاءِ حڪومت کي هن جي ڪاڏي جو به بندوبست ڪرڻ گهرجي

بقايا 36

چانڊيو پنهنجي پائيٽي ساگر علي چانڊيو سان گڏجي لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته 3 مئي 2021 ع تي ٻارن جي ڳالهه تان بااثر قربان عبدالجبار ۽ اسلم چانڊيو جي چرچ تي جوابدارن عزيز الله غلام اڪبر محمد پريل عرف پري رياض ۽ محبت چانڊيو ڳوٺ سامتيا ۾ جنرل اسٽور هلائيندڙ پاءُ مير محمد عرف ڊولڻ چانڊيو کي گوليون هڻي قتل ڪري ميهڙ تعلقي فرار ٿي ويا جنهن واقعي جو ڪيس مون حد جي سيهڙ ٿاڻي تي ڄاڻايل جوابدارن مٿان داخل ڪرايو بعد ۾ پوليس ڪارروائي ڪري هڪ جوابدار غلام اڪبر چانڊيو کي گرفتار ڪري جيل اماڻي ڇڏيو جنهن مٿان ڏوهه ثابت ٿيڻ تي لاڙڪاڻي جي فرسٽ ايڊيشنل اينڊ سيشن جج جي عدالت 8 آگسٽ 2024 ع تي ڪيس عمرقيد ۽ 3 لک روپيه ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي هئي ۽ ٻين جوابدارن کي پوليس اڃان تائين گرفتار نه ڪري سگهي آهي جنهن ڪري سال 2021 ع دوران ڪراچي جي شاهه لطيف ٿاڻي تي قربان علي چانڊيو جي فرياد تي حملي, سال 2024 ۾ شاهه لطيف ٿاڻي تي اسلم چانڊيو جي فرياد تي پيرسن عورت کي قتل ۽ ڪيس زخمي ڪرڻ ۽ 2024 تي اسٽيل ٽائون ٿاڻي تي غلام نبي چانڊيو جي فرياد تي حملي جا ٽي ڌار ڌار ڪيس داخل ڪيا جن مان 2021 ع دوران داخل ڪيس کي ڪراچي جي عدالت ڪوڙو قرار ڏئي ختم ڪري ڇڏيو ۽ ٻين ڪيسن ۾ مون سميت منهنجو پٽائي اعجاز ماروٽ الاهي بخش, سئوٽ ممتاز چانڊيو ضمانت تي آهيون تازو 9 اپريل تي قربان علي جويٽ ڪراچي جي بن قاسم ٿاڻي جي حد ۾ روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيو خدشو آهي ته ان جو به ڪوڙو ڪيس اسان مٿان داخل ڪيو ويندو جڏهن ته جوابدار ۽ سنڌن جي پليرائي ڪندڙن مختلف وقتن تي اسان مٿان 4 ڀيرا قاتلاڻا حملا ڪري چڪا آهن هينئر به اسان کي پاءُ جي قتل ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جنهن ڪري اسين پنهنجي گهرن ۾ به محفوظ ناهيون منهنجي آءِ جي سنڌ, ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو کي اپيل آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي پاءُ جي قتل ڪيس ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪري سنڌس خون سان انصاف ڪيو وڃي ۽ اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 37

ريلي ڪڍي وئي ۽ چارٽر آف ڊيماند ۾ ڏنل مطالبن جي مڃتا لاءِ سخت نعري بازي ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي پيپلز ليبر يونين سي بي اي جي سکر ريجنل سيڪريٽري لالا سيف الرحمان خادم حسين شيخ اشرف ملڪ علي بخش رڊ, ايوب شر چيو ته سوئي سدرن گئس جي مينيجمينٽ مزدورن جي حقن لاءِ ڏنل چارٽر آف ڊيماند منظور ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي جنهن سبب محنت ڪشن ۾ سخت مايوسي پکڙجي رهي آهي هن سخت مهانگائي جي دور ۾ مزدورن جي پگهارن ۾ اضافو ڪرڻ سميت آرڊيننس ايمپلائيز جي پيفڪسيشن سيناريٽي ڏيڻ , سن ڪوٽا تي عمل ڪرڻ ۽ ڪچن ملازمن کي پڪو ڪرڻ جا جائز مطالبا شامل آهن جنهن کي منظور ڪرڻ لاءِ مرڪزي سڏ تي سنڌ بلوچستان جي تمام آفيسن ۾ 2 کان 13 مئي تي آفيس ۾ صبح جو ڪلاڪ احتجاج جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي سوئي گئس جي مئنيجمينٽ جيڪڏهن چارٽر آف ڊيماند ۾ پيش ڪيل مطالبن کي منظور نه ڪيو ته ڪراچي هيڊ آفيس اڳيان 14 مئي تي پرامن احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو جيڪو مطالبن جي مڃتا تائين جاري رهي سگهي ٿو.

بقايا 38

ڦاٽڪ کان جناح چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جتي هنن هٿن ۾ قومي ۽ تنظيمي جهنڊا کڻي ٿوڙي بئنر کڻي مودي سرڪار خلاف ۽ پاڪ فوج جي حمايت ۾ نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن شيخ حافظ بشير احمد حسيني, حاجي غلام حسين جتوئي, مولانا رياض حسين مغيري, محمد صلاح مگسي, حافظ بشير احمد مگسي سميت ٻين اڳواڻن جو چوڻ هو ته مودي سرڪار پنهنجي ناڪامي کي لڪائڻ لاءِ پاڪستان خلاف ڪوڙي پروپيگنڊا شروع ڪئي آهي هندستان طرفان سنڌ طاس معاهدي کي معطل ڪرڻ آبي دهشتگردي آهي جيڪڏهن هندستان معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪئي ته پاڪستاني قوم اقليتي برادري سان گڏجي سخت ۽ منهن ٽوڙ جواب ڏيندي, جيڪو مودي سرڪار جي نسلن تائين ياد رهندو هنن چيو ته اسان مودي سرڪار کي ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته پاڪستان هڪ پرامن ملڪ آهي ۽ پنهنجي دفاعي صلاحيتن کان پوري طرح واقف آهي پاڪستان جي عوام پنهنجي پاڪ فوج سان گڏ آهي جيڪڏهن مودي سرڪار ڪنهن به قسم جي اڳرائي ڪئي ته پاڪ فوج منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ جي صلاحيت رکي ٿي هنن چيو ته پاڪستاني قوم پنهنجي بهادر فوج سان گڏ جي وطن جي بچاءُ لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي.

بقايا 39

نظر اچي رهيو آهي اسٽاڪ مارڪيٽ جي بينچ مارڪ 100 انڊيڪس ۾ 2,243 پوائنٽس جو اضافو ٿيو آهي واپاري سيشن دوران 100 انڊيڪس 2,243 پوائنٽس جي واڌ سان 113,570 تي پهچي ويو اڄ تائين واپاري سيشن دوران انڊيڪس 113,604 پوائنٽس جي بلند ترين سطح تي پڻ پهچي ويو اربع تي واپار جي اختتام تي انڊيڪس 111,326 پوائنٽس تي بند ٿيو



آفيس آف دي
ڊائريڪٽر جنرل
سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي

ٽينڊر نوٽيس

سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي مطابق, سنڌ سيف سٽي اٿارٽي, سنڌ حڪومت, ڪراچي سيف سٽي پروجيڪٽ لاءِ ٽينڊرز طلب ڪري ٿو بااختيار پارٽنر/ ڊسٽريبيوٽر ۽ سپلائرز کان FBR ۾ سيلز ٽيڪس, انڪم ٽيڪس ۽ ٻين لاڳاپيل ٽيڪسن جي فراهمي لاءِ هيٺ ڏنل هارڊويئر پروجيڪٽ جي فراهمي لاءِ

سيريل	شيءِ جو نالو	تعداد
1	ليزر پرنٽرز	10
2	ليزر پرنٽر ڪلر	2
3	ليپ ٽاپس	10
4	ڊيسڪ ٽاپ ڪمپيوٽرز	15

هدايتون:

1. ٽينڊر جي عمل لاءِ سنگل اسٽيج_ون لفافي جو طريقو اختيار ڪيو ويندو بوليءَ ۾ هڪڙي پيڪيج تي مشتمل هوندو جنهن ۾ هڪڙو لفافو هوندو لفافي ۾ ٻنهي سيل ٿيل مالي ۽ ٽيڪنيڪل تجويز شامل هوندي.
2. ٽينڊر دستاويز/بولي (بد سيڪيورٽي/ارنيسٽ مني جي ڪاپي ۽ معاون دستاويزن سان) SPPRA EPADS تي جمع/اپلوڊ ڪيو وڃي ۽ ٽينڊر https://portalsindh.eprocure.gov.pk دستاويز پڻ حاصل ڪريو 3000/_ هر شئي جي فراهمي لاءِ ٽينڊر فيس 3000/_ هر هڪ شئي جي فراهمي لاءِ آفيس جي گرائونڊ فلور, سينٽرل پوليس ايس آءِ جي آفيس. CTO. چندريگر روڊ, ڪراچي کي 19_05_2025 @ 1400 ڪلاڪ تائين ٽينڊر فيس سميت سندن ليٽرهيڊ تي درخواست جمع ڪرائيندي.
3. سيل ٿيل ٽينڊرن کي نقل ۾ پيش ڪيل پروفارما سان گڏ ڪل بڊ جي 2.5 سيڪڙو آمدني پئسن جي صورت ۾ (ڊي جي سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي جي حق ۾ ادا ڪندڙ جو CTO (A/c ,SSCA گرائونڊ فلور سينٽرل پوليس آفيس. I.I جي آفيس ۾ رکيل ٽينڊر باڪس ۾ اچلايو وڃي. چندريگر روڊ, ڪراچي 19_05_2025 تي يا ان کان اڳ 1400 وڳي تائين ۽ SPPRA EPADS تي جمع/اپلوڊ ڪيو وڃي https://portalsindh.eprocure.gov.pk/
4. ٽينڊر 19_05_2025 تي صبح جو 1430 وڳي پروڪيورمينٽ ڪميٽي جي موجودگي ۾ ۽ ان موقعي تي چونڊيل بولرن جي نمائندن جي موجودگي ۾, سينٽرل پوليس آفيس, سنڌ, ايل ايل چندريگر روڊ, ڪراچي ۾ SSCA .CTO جي آفيس ۾ کوليا ويندا.
5. سيلز ٽيڪس, انڪم ٽيڪس ۽ ٻين لاڳاپيل ٽيڪسن لاءِ FBR سان رجسٽرڊ صرف بااختيار ڊيلر/ ڊسٽريبيوٽر ۽ سپلائرز ٽينڊرز ۾ حصو وٺڻ جا اهل آهن (دستاويزي ثبوت گهربل).
6. سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي, گورنمينٽ پاران جاري ڪيل تجويز ڪيل ٽينڊر فارم تي صرف پيش ڪيل بوليون. ڪراچي سيف سٽي پروجيڪٽ لاءِ سنڌ جي منظوري ڏني ويندي. بهرحال. جيڪڏهن گهربل هجي, اضافي شيٽ ڳنڍي سگهجن ٿيون.
7. بيڊرز پنهنجون بوليون/بوليون جمع ڪرائڻ جيئن تمام گهٽي حساب سان نامڪمل بوليءَ کي قبول نه ڪيو ويندو
8. مشروط ٽينڊر/درخواست قبول نه ڪئي ويندي.
9. سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي, گورنمينٽ. SPPRA جي ضابطن موجب سنڌ جي شين جي مقدار وڌائڻ يا گهٽائڻ جو حق محفوظ آهي.
10. مجاز اٿارٽي ڪنهن به وقت بلڊنگ جي عمل کي رد ڪري سگهي ٿي تجويز جي قبوليت کان اڳ.
11. بولي جا دستاويز SPPRA جي ويب سائيٽ www.ppms.pprasindh.gov.pk ۽ سنڌ پوليس جي ويب سائيٽ www.sindhpolice.gov.pk تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

INF/KRY# 1416/2025

(تبسم عباسي)
سيڪريٽري پروڪيورمينٽ ڪميٽي
چيف ٽيڪنيڪل آفيسر
سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com

راڻيپور جي استادن، شاگردن، شاگردياڻين پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي

پٺاڻي پبلڪ سيڪنڊري اسڪول جي استادن شاگردن، شاگردياڻين، فوج جي حمايت ۽ ڀارت جي جارحيت خلاف ريلي ڪڍي

ڀارت پاڪستان جي پاڻي تي قبضي جي ڪوشش ڪري خطي جي امن کي خطري ۾ وجهي رهيو آهي

پاڪ فوج رکو سرحدن جي محافظ ناهي پر قوم جي غيرت ۽ خودمختياري جي علامت آهي: استاد شوڪت علي شيخ ۽ ٻيا

راڻيپور (رپورٽ: ميان اعجاز) راڻيپور پٺاڻي پبلڪ سيڪنڊري اسڪول راڻيپور جي شاگردن شاگردياڻين استادن پاران پاڪ فوج جي حمايت ۽ ڀارتي جارحاڻي آبي دهشتگردي خلاف ريلي ڪڍي وئي رپورٽ موجب /ڏسو صفحو 3 بقايا 01

راڻيپور: پٺاڻي پبلڪ سيڪنڊري اسڪول جي شاگردن، شاگردياڻين ۽ استادن پاران پاڪ فوج جي حمايت ڪيل ريلي جو هڪ ڏيک

خانپورمهر: جي يو آءِ تعلقہ خانڳڙهہ جي اجلاس ۾ شريڪ اڳواڻن جو گروپ فوٽو

خانپور مهر ۾ جي يو آءِ تعلقہ خانڳڙهہ جو اجلاس منعقد

اجلاس ۾ تعلقي جي يونٽن کي سرگرم ڪرڻ لاءِ دورا ڪرڻ لاءِ مشاورت ڪئي وئي

اتفاق راءِ سان تعلقي ۾ وڏي ڪانفرنس ڪرائڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو

خانپورمهر (رپورٽر) خانپور مهر ۾ جي يو آءِ تعلقہ خانڳڙهہ جو اجلاس، مختلف معاملن تي ڳالھ ٻولھ، جي يو آءِ اڳواڻن جي ايس ايچ او /ڏسو صفحو 3 بقايا 02

اوٻاوڙو ۾ ڀارتي جارحيت خلاف ۽ پاڪ فوج سان اظهارِ يڪجهتي لاءِ ريلي

هيومين رائيٽس پروٽيڪشن محب وطن آرگنائيزيشن جي اڳواڻن ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي

مظاهرين مودي جون ۾ تصويرون رکي باهہ ڏئي ساڙيون پاڪستان زنده آباد پاڪ فوج زنده آباد جا نعرا

اوٻاوڙو (رپورٽر) اوٻاوڙو هيومين رائيٽس پروٽيڪشن محب وطن آرگنائيزيشن پاڪستان ضلع گهوٽڪي پاران ڀارتي /ڏسو صفحو 3 بقايا 03

اوٻاوڙو: هيومين رائيٽس پروٽيڪشن محب وطن آرگنائيزيشن پاران ڪڍيل ريلي جو هڪ ڏيک

وڳڻ واسي دادو مدرسي مان گم ٿيل 2 نينگر هٿ، وارثن ۾ خوشي جي لهر

مدرسي مان گم ٿيل 2 نينگر عبدالمنان ۽ ارشد چانڊيو هٿ گهر لاءِ نڪتا تہ رستو ڀلجي گم ٿي ويا

ٻنهي ڄڻن جي ٻن ڏينهن تائين نہ پهچڻ تي وارثن ۾ مايوسي ڇانئجي وئي، وارثن ڪين کي اين شاهہ مان هٿ ڪيو

ٻارڙا دادو ۾ قائم هڪ مدرسي ۾ پڙهندا هئا جيڪي مدرسي انتظاميا کي ٻنا ٻڌائڻ جي نڪري ويا هئا: وارث

وڳڻ (رپورٽر) وڳڻ واسي دادو مدرسي مان گم ٿيل 2 نينگر هٿ گهر لاءِ نڪتل عبدالمنان ۽ ارشد چانڊيو رستو ڀلجي وڃڻ دوران ٻن ڏينهن کان گم هئا گهر پهچڻ تي /ڏسو صفحو 3 بقايا 12

وڳڻ: 2 ڏينهن کانپوءِ هٿ آيل عبدالمنان ۽ ارشد چانڊيو جا فائل فوٽو

خيرپور عدالتي حڪمن جي عمل نہ ٿيڻ تي ڏهہ عملدارن خلاف شوڪاز نوٽيس جاري

خيرپور (ڊ ر) خيرپور جي عدالت، عدالتي حڪمن /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

سکر پوليس جون ڪارروايون، ٻہ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس پاران جاري /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

سيئارجا ۽ ٺنگريجا جي علائقن ۾ سيپڪو جو آپريشن، 9 ڄڻا گرفتار، سوين ڪنڊا ڪنيڪشن ڪاٽا

سب ڊويزن جي ايس ڊي او شفقت علي پيلارجي اڳواڻي ۾ سيپڪو عملي، رينجرس ۽ پوليس ساڻ ڪري آپريشن ڪيو

ان موقعي تي سوين ڪنڊا ڪنيڪشن ڪٽي لکين رپين جي بقايا ادا نہ ڪندڙ 9 باقيدارن کي گرفتار ڪيو ويو

باقيدارن خلاف روزانو جي بنياد تي ڪارروائي جاري آهي، باقيدار بل قسط ڪرائي ادا ڪن: ايس ڊي او سيپڪو سيئارجا

سيئارجا (رپورٽر) سيئارجا ۽ ٺنگريجا جي علائقن ۾ سيپڪو جو رينجرس ۽ پوليس سان گڏ باقيدارن ۽ ڪنڊا ڪنيڪشن خلاف آپريشن. 9 باقيدار گرفتار . /ڏسو صفحو 3 بقايا 04

سکر ۾ پسند پرڻو ڪندڙ جوڙي پاران قتل جون ڌمڪيون ملڻ تي تحفظ لاءِ احتجاج

جاويد احمد، نثار احمد اسان کي ڪوڙي ڪاروهن الزام هيٺ قتل جون ڌمڪيون پيا ڏين: عمران سولنگي

ويگهي امڙ پئسن عيوض پرڻائڻ پئي چاهيو اسان کي انصاف ۽ تحفظ ڏيو: ناري دلڪش

سکر (بيورو رپورٽ) پسند جي شادي ڪندڙ جوڙي ناري دلڪش ڌي مرحوم خالد حسين سولنگي ۽ نوجوان عمران علي /ڏسو صفحو 3 بقايا 05

سکر: پيار پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪندي

سکرنڊ ۾ اڏڙوٽ جو گهر مان 2 ڏينهن پراڻو لاش هٿ

لاڪا هائوس جي ويجهو پنهنجي گهر ۾ 50 سالن جو نثار خانزادو فوت ٿي ويو

مقتول نثار خانزادو زال ۽ ٻارن هجڻ ڪري گهر ۾ اڪيلو رهندو هو لاش ٻہ ڏينهن گهر ۾ پيل رهيو

سکرنڊ (رپورٽر) سکرنڊ خانزاده محلي ۾ لاڪا هائوس جي ويجهو پنهنجي گهر ۾ 50 سالن جو نثار خانزادو فوت ٿي ويو مقتول نثار خانزاده زال ۽ ٻار نہ هجڻ ڪري گهر ۾ اڪيلو رهندو هو جنهن ڪري سنڌس /ڏسو صفحو 3 بقايا 06

سکر: ٻيراڻوءِ ٽرٽي جي ڪاميابي تي لالا شهباز خان پٺاڻ جي طرفان تقريب منعقد

سکر پريس ڪلب جي فنانس سيڪريٽري لالا شهباز خان پٺاڻ خان فارم هائوس تي تقريب منعقد ڪئي

هي وڪيل اسان جا هيرو آهن جن مسلسل ڏرٽو ڦٽي حڪمرانن کي گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪيو: لالا شهباز خان پٺاڻ

سکر (بيورو رپورٽ) ٻيراڻوءِ ٽرٽي جي لاءِ ڏينهن هجي يا رات مسلسل ٻارنهن ڏينهن جن وڪيل دوستن پنهنجي حصي جي ڪم ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 07

شاهہ لطيف ورسٽي جي ڊي سي پاران ايل ايل بي امتحاني سينٽرن جو دورو

قانوني تعليم قانونن ضابطن، قاعدن ۽ آئين جي ڄاڻ فراهم ڪري ٿي: وي سي

قانون جي تعليم حاصل ڪندڙ شاگرد سڀاڻي جا وڪيل ۽ جج ٿيندا: پروفيسر ڊاڪٽر يوسف خشڪ

خيرپور (ڊ ر) شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر يوسف خشڪ سکر جي اي. بي. ڊي /ڏسو صفحو 3 بقايا 08

غيب تي ايمان آڻڻ ئي ايمان جي نشاني آهي: علامہ سيد قمر عباس نقوي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) مرڪزي شيعہ جامع مسجد جعفريہ مرڪزي امام بارگاهہ جعفريہ لاڙڪاڻي ۾ جمعتہ المبارڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

گهوٽڪي پوليس جو مبينا مقابلي دوران ڌوهاري مارڻ جي دعويٰ

رات دير سان جاڙي واهہ لنڪ روڊ تي پوليس جو ڌاڙيلن سان مقابلو ٿيو، 2 کان 3 ڌاڙيل زخمي پڻ ٿيا

مقابلي ۾ مارجي ويل ڌوهاري جي سڃاڻپ هيبت لولائي طور ٿي، ٻين زخمي ڌاڙيلن جي ڳولا جاري آهي

زخمي ڌاڙيلن جي گرفتاري لاءِ ناڪا بندي ڪئي وئي پر ڪوبہ هٿ نہ اچي سگهيو: پوليس

گهوٽڪي (رپورٽ: رشيد ڪليري) گهوٽڪي پوليس مبينا مقابلي دوران هڪ ڌوهاري کي مارڻ جي دعوا ڪئي، سڃاڻپ /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

مهاڻن جي 19 ٻوڙن کي ڏنل نوٽيس واپس ورتا وڃن: اياز لطيف پليجو

ڪارپوريٽ فارمنگ يا پبلڪ پارٽنرشپ ڌاڙيل منصوبو آهي، زمينن تاريخي ماڳن جو سودو قبول ناهي

پيپلزپارٽي کي مسلط ڪندڙ طاقتن کي هرصورت ۾ ڪئنالن جي منصوبي تان دستبردار ٿيڻو پوندو

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهہ اياز لطيف پليجي چيو آهي تہ ڪارپوريٽ فارمنگ يا پبلڪ پارٽنرشپ /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

لاڙڪاڻي جي پورهيت جو گهرڀاتين سان گڏجي ٻاالثرن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي غريب آباد جي رهواسي پورهيت گهر ڀاتين سان /ڏسو صفحو 3 بقايا 17

خيرپور: سيئارجا جو پريمي جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪندي

خيرپور: سيئارجا جي جوڙي پاران تحفظ لاءِ ڪيس داخل

مسمات عشا عدالت سڳوري ۾ فيضان علي ويسر سان نڪاح ڪري ڇڏيو

اسان کي جاني مالي تحفظ فراهم ڪندي زندگيون بچايون وڃن: جوڙي پاران گهر

خيرپور (ڊ ر) سيئارجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڊيتگل خان ويسر جي جوڙي عدالتي پرڻو ڪرڻ بعد زندگي کي نقصان پهچائڻ وارن /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

مٽياري ضلعي ۾ صحافت جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان صحافين جون ريليون، احتجاج

عبدالغفور عرف اداپائو ميمڻ جي اڳواڻي ۾ مختلف پريس ڪلبن اڳيان ڌار ڌار احتجاج مظاهرا ڪيا ويا

پاڪستان گورنمينٽ ملڪ ۾ خاص سنڌ جي صحافين کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام وئي آهي

موجوده حڪمران صحافين کي گهرڀاتين سوڌو هيسائيندي کين پريشان پئي ڪري، صحافين کي تحفظ ڏيو

پٽ شاهہ (رپورٽر) صحافت جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان پي ايف يو جي ورڪرز مٽياري طرفان مٽياري ضلعي جي مختلف شهرن ۾ صحافين جون ريليون، پريس ڪلبن اڳيان ڌار ڌار احتجاجي /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

پٽ شاهہ: صحافتي اڳواڻ صحافت جي عالمي ڏهاڙي حوالي سان ميڊيا جي آزادي حوالي سان احتجاج ڪندي

لاڙڪاڻي جي رهواسين جو مبينا ڪنيي گم ڪيل نوجوان ڀائيجي جي آزاديءَ لاءِ احتجاج

گذريل خميس جي رات دير سان اهلڪار گهر ۾ گهڙي ڀائيجي تشڪيل حيدر کي ڪنيي کڻي ويا: زيب النساءَ سانگي

ڀائيجي تشڪيل حيدر سانگي جا والدين ننڍي هوندي بيماري سبب فوت ٿيا، جنهن کانپوءِ اسان کيس پاليو

تشڪيل کي ڪنيي گم ڪري ظلم ڪيو ويو، کيس آزاد ڪرائي گهرڀاتين ۾ ڇانيل پريشاني ختم ڪيو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي پيپلز /ڏسو صفحو 3 بقايا 09

لاڙڪاڻو: ڪنيي گم ٿيل نوجوان جا وارث سندس آزادي لاءِ احتجاج ڪندي

نصيرآباد ۾ بجلي لوڊشيڊنگ خلاف ايس ڊي او ۽ ايل ايس جو پتلو ساڙي احتجاج

سجاڳ شهري اتحاد نصيرآباد طرفان نيشنل بئنڪ اڳيان آصف ڪائيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پتلا ساڙيا ويا

18_18 ڪلاڪ بجلي جي هٿرادو لوڊشيڊنگ ڪري شهرين کي آزارپيو وڃي، شهر ۾ پاڻي ناهي: اڳواڻ

ڪيترائي ڀيرا سيپڪو انتظاميا سان ملاقاتون ڪري احتجاج ڪيا شهرين کي تڙپائڻ بدران شيڊول بحال ڪيو

نصيرآباد (رپورٽر) بجلي جي غير قانوني لوڊشيڊنگ خلاف سجاڳ شهري اتحاد نصيرآباد طرفان نيشنل بئنڪ اڳيان اتحاد جي صدر آصف ڪائيو منصور سومرو، محمد تگڙ حميد انقلابي، اظهار واهوچو /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

نصيرآباد: سجاڳ شهري اتحاد بجلي جي لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪراچي ۾ قانون جي شاگرد تي تشدد خلاف شهدادپور بار ايسوسيئيشن پاران ريلي

شاگرد شهباز خاصخيلي کي وحشياڻو تشدد جو نشانو بڻائڻ خلاف وڪيلن، سياسي سماجي اڳواڻن ريلي ڪڍي

پوليس شهباز خاصخيلي ۽ ٻين نوجوان تي بلاجواز تشدد ڪري ڪيس وينٽي ليٽر تي پهچائي ڇڏيو: اڳواڻ

ايس ايچ او سميت سمورن ملوث عملدارن خلاف ڪارروائي جو واقعي جي جاچ ڪريو: مطالبو

شهدادپور (رپورٽر) ڪراچي ڊيفينس پوليس جي زيادتين ۽ انسانيت جا سڀ ليڪا لتاڙيندي شهدادپور جي نوجوان لا جي شاگرد شهباز خاصخيلي کي وحشياڻو تشدد جو نشانو بڻائڻ سبب وينٽي /ڏسو صفحو 3 بقايا 31

شهدادپور: قانون جي شاگرد شهباز خاصخيلي تي ٿيل تشدد خلاف وڪيل اڳواڻ ۽ رهواسي احتجاج ڪندي

شهيد بينظير ڀٽو جنرل يونيورسٽي جي شاگردن جو زيادتين خلاف احتجاج

شاگردن وي سي ۽ يونيورسٽي جي سيڪورٽي انچارج جي زيادتين خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ سان گڏ زيادتيون پيون ٿين پرامن احتجاج تي دهشتگردي جا ڪيس داخل ٿين ٿا: شاگرد اڳواڻ

سيڪورٽي انچارج قانون جي ابتڙ رکيو ويو، جيڪو شاگردن تي ظلم ڪري ٿو، وي سي ۽ سيڪورٽي انچارج هٽايو

نوابشاهہ (رپورٽر) شهيد بينظير ڀٽو جنرل يونيورسٽي جي شاگردن جو وي سي ۽ يونيورسٽي جي سيڪورٽي انچارج جي زيادتين خلاف /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

ٻلوري ۾ مختلف علائقن جي ماڻهن پاران جسقم ۾ شموليت ۽ ساگر حنيف ٻڙدي جي سالگره تقريب

سياست ئي قومن کي بچائي ٿي، وطن دوست سياست قومن کي ترقي ڏيندي آهي: نواز خان زنئور

جاگيردار، عوام دشمن، وطن فروش ۽ بينڪيبٽ پسند سياست قومن کي غلامي ۽ تباهي ڏانهن ڌڪيندي آهي

سنڌو درياهہ جي مڪمل بحاليءَ تائين پهچائي ڪامياب ڪنداسين، پنجاب کي سنڌو نديءَ جو رخ موڙڻ نہ ڏيو

ميرپور بٺورو/جهمپير (نمائندن وتان) جيئي سنڌ قومي پارٽي پاران ميرپور ٻلوري ۾ قومي پارٽي ۾ شموليت ڪندڙن جي مان ۾ آجياڻو جهمپير ۾ ساگر حنيف /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

ميرپوربٺورو/جهمپير: جسقم چيئرمين نواز خان زنئور شرڪت ڪندڙن سان گڏ ويٺل آهي

اصغريہ آرگنائيزيشن پاڪستان يونٽ سيئارجا جون چونڊون، نوان عهديدار چونڊيا ويا

سيئارجا (رپورٽ: سيد زبير علي شاهہ بخاري) /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

ڊپٽي ڪمشنر آفيس شڪارپور ۾ ميٽهن جي واڙن جي تعمير حوالي سان گڏجاڻي

شڪارپور (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

ڪنڊيارو ۾ آل پارٽيز الائنس جي گڏجاڻي، مختلف معاملن تي غور ويچار

شهر ۾ بجليءَ جي اڻ اعلانيل لوڊ شيڊنگ، نادرا جي اڻنگي رويي، صفائي سٿرائي تي ڳالهايو ويو

گڏجاڻي ۾ لاڳاپيل آفيسرن کي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ لکت ۾ درخواستون ڏيڻ جو فيصلو

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو ۾ آل پارٽيز الائنس جي گڏجاڻي، عبدالستار ابڙو الائنس جو ٺئون چيئرمين ۽ محمد هارون ڪلهوڙ /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

نصرت ڊويزن مان نڪرندڙ مختلف شاخن بابت آبادگارن لاءِ هدايتون جاري

وارابندي سبب 10 مئي تائين بند رهنديون: ايگزيڪيوٽو انجنيئر آبپاشي نصرت ڊويزن

شاهپور بسٽري ۽ برهون مائنر 5 مئي کان 10 مئي صبح 6 وڳي تائين بند رهندا: ذوالفقار ڪوسو

نواب شاهہ (بيورو رپورٽ) ايگزيڪيوٽو انجنيئر آبپاشي نصرت ڊويزن شهيد بينظيرآباد ذوالفقار علي ڪوسو پنهنجي جاري /ڏسو صفحو 3 بقايا 24

نواب ولي محمد شهر جي جرجي پاڻي رهواسين لاءِ ملو زهر بڻجي ويو، آر او پلانٽ خراب

آر او پلانٽ انتظاميا جي مجرماڻي غفلت سبب ڪافي عرصي کان خراب، رهواسي زهريلو پاڻي پيئڻ تي مجبور

سماجي اڳواڻ ميان عمران اٿڙ لکين رپين جي لاڳت سان آر او پلانٽ اسپتال ۾ لڳرايو، انتظاميا سنڀالي نہ سگهي

نواب ولي محمد (رپورٽر) نواب ولي محمد شهر جي جرجي پاڻي جو ٽي ڊي ايس 19 سو تائين پهچي وڃڻ ڪري پيئڻ جو مٺو پاڻي /ڏسو صفحو 3 بقايا 27

نواب ولي محمد: سماجي اڳواڻ پاران لڳايل آر او پلانٽ خراب هجڻ جو هڪ ڏيک

گهوٽڪي جي ڏنگڙو واهہ سميت مختلف واهن مان مٽي ڪٽڻ لڳا، ٺيڪا پڻ جاري

ڏنگڙو واهہ سميت مختلف واهن مان خانگي ماڻهو مٽي ڪٽائي وڪرو ڪرڻ جو ٺيڪو ڪٽي ورتو

ڪجهہ ملازم ساڻن ڀت ڀٽيل پنهنجي نگراني ۾ واهن جا ڪپر ڪٽڻ لڳا، مٽي ٽوڙي واري وڪرو ٿيڻ لڳي

روڪيندڙ مقامي ماڻهن مٿان ڪيس داخل ڪرائڻ جون ڌمڪيون، ايريگيشن جا اعليٰ عملدار بي خبر بڻيل

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي جي ڏنگڙو واهہ سميت مختلف واهن مان خانگي ماڻهو مٽي ڪٽائي وڪرو ڪرڻ جو ٺيڪو ڪٽي ورتو، ڪجهہ /ڏسو صفحو 3 بقايا 25

لاڙڪاڻي جي رهواسين جو بجلي جي لوڊشيڊنگ خلاف جي ٽي روڊ تي ڌرڻو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي غريب /ڏسو صفحو 3 بقايا 26

نوابشاهہ جي رهواسي پاران هٿ ۾ زنجير ٻڌي انوکو احتجاج

سالو شاهد علي منهنجي ٻارن کي وٺي ويا هاڻ موٽائين نٿا: ارشاد علي مغيري

مان دربدري واري زندگي گذاري رهيو آهيان، مونکي منهنجي زال ۽ ٻار واپس ڪرائي ڏنا وڃن

نوابشاهہ (رپورٽر) رحمان سٽي ڪالوني جي رهواسي ارشاد علي مغيري هٿن ۾ زنجير ٻڌي نوابشاهہ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

نوابشاهہ: رهواسي زال ۽ ٻارن جي واپسي لاءِ هٿن ۾ زنجير ٻڌي انوکو احتجاج ڪندي

نواب ولي محمد ۾ بدامني، مسجد ٻاهران بيٺل موٽرسائيڪل چوري

نماز پڙهڻ لاءِ ويندڙ ڳوٺائي عبدالوحيد بوزدار جي مسجد ٻاهران بيٺل موٽرسائيڪل

ڪامريڊ زاهد چانڊيو جي سوٽ کان سندس ڳوٺ ويجهو پڻ موٽرسائيڪل ڦري ٿي وئي

نواب ولي محمد (رپورٽر) نواب ولي محمد ٿاڻي جي حد ۾ بدامني عروج تي پهچي وئي عام شهري توڙي پوليس اهلڪار ڪان بہ /ڏسو صفحو 3 بقايا 29

وڳڻ مان اغوا ٿيل ڇاڻايل ناري عدالت ۾ پيش، پيءُ حوالي

بابره سولنگي راڄوٽي ذريعي هٿ ڪري عدالت ۾ پيش ڪئي وئي

عورت بيان بعد پيءُ حوالي ڪئي وئي، گرفتار شهري کي ڇڏيو ويو

وڳڻ (رپورٽر) وڳڻ مان اغوا ٿيل شادي شده عورت بابره سولنگي راڄوٽي ذريعي سکر واري علائقي مان هٿ پوليس پاران ڪورٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 33

وڳڻ: اغوا ٿيل ناري بابره کي عدالت ۾ پيش ڪيو پيو وڃي

باقراڻي ويجهو نوجوان گم، ڀائرن پاران مدد جي اپيل

ڪنهن سان ڪا بہ دشمني ناهي خبرناهي تہ ڀاءُ ڪٿي ۽ ڪهڙي حال ۾ هوندو

گم ٿيل ڀاءُ جي ڳولا ۾ مدد ڪري ڇانيل پريشاني ختم ڪئي وڃي: مظاهرين

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي /ڏسو صفحو 3 بقايا 34

ڪرمپور ويجهو ڳوٺاڻن جو ڪوڙي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

چوليائي برادري جي بااثر هٿياربندن نوجوان بهرام علي چوليائي کي بيگناهہ قتل ڪيو ويو هو: علي گوهر ۽ ٻيا

هاڻي جوابدار ڏر قتل ڪيس تان هٿ ڪڍائڻ لاءِ پنهنجو پلال پاڻ ساڙي اسان تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو

چاهين ٿا تہ فريادي ۽ شاهد قتل ڪيس جي پوئواري نہ ڪن تہ ڪيس ڪمزور ٿئي، نوٽيس وٺو

ڪرمپور (رپورٽر) ڪرمپورلڳ ڳوٺاڻن جو ڪوڙي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج، /ڏسو صفحو 3 بقايا 30

ڪرمپور: نوجوان بهرام علي چوليائي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو وڃي

سکر: پورهيتن جي حقن لاءِ پيپلز ليبر يونين سنڌ بلوچستان پاران احتجاجي تحريڪ شروع

سنڌ بلوچستان ۾ 2 کان 13 مئي تي آفيسن ۾ ڌرڻن احتجاج جو سلسلو شروع ڪيو آهي: لالا سيف الرحمان

سوئي سدرن گئس جي مئنيجمينٽ مزدورن جي حقن لاءِ ڏنل چارٽر آف ڊيمانڊ منظور ڪرڻ کان لنوائي پئي

مطالبا منظور نہ ڪيا ويا تہ ڪراچي هيڊ آفيس اڳيان 14 مئي تي پرامن احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو

سکر (بيورو رپورٽ) مزدورن جي حقن لاءِ سوئي سدرن گئس ڪمپني سکر ريجنل آفيس ۾ پيپلز ليبر يونين سنڌ بلوچستان جي مرڪزي سڏ تي احتجاجي تحريڪ شروع ڪندي علامتي بائيڪاٽ ڪري احتجاجي /ڏسو صفحو 3 بقايا 37

ٺرجي سونهن مور پکين ۾ پکڙيل بيماري تي ضابطو نہ آيو، 10 موري مري ويا

ڳوٺ ٽسينگڙي ۾ 10 موري مري ويا مورن ۾ بيماري سون جي تعداد ۾ مور مرڻ لڳا

ڪافي سارا مور بيمار، وائيلڊ لائيف ڊپارٽمينٽ پاران متاثر ڳوٺن ۾ ڪائي ٽيم نہ پهتي

مور مرڻ وارن متاثر ڳوٺن ڏانهن ٽيمون موڪلي انهن جي ڪاڏي لاءِ گورنمينٽ جوڳا اپاءَ وٺي: رهواسي

اسلام ڪوٽ (رپورٽر) ٺرجي سونهن مور پکين ۾ پکڙيل بيماري تي ضابطو نہ آيو اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ ٽسينگڙي ۾ 10 /ڏسو صفحو 3 بقايا 35

اسلام ڪوٽ: ڳوٺاڻا پکين ۾ بيمارين جي نشاندهي لاءِ هڪ مور پکي صحافين کي ڏيکاري رهيا آهن

لاڙڪاڻو: مقتول ميرمحمد عرف ڊولڻ چانڊيو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن جو احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) ڏوڪري تعلقي جي ڳوٺ محمد خان چانڊيو جي رهواسي عاشق علي /ڏسو صفحو 3 بقايا 36

لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان سني تحريڪ پاران ڀارتي جارحيت خلاف احتجاج

مودي سرڪار پنهنجي ناڪامي کي لڪائڻ لاءِ پاڪستان خلاف ڪوڙي پروپيگنڊا شروع ڪئي: اڳواڻ

هندوستان طرفان سنڌ طاس معاهدي کي معطل ڪرڻ آبي دهشتگردي آهي، جيڪا برداشت نہ ڪئي ويندي

مودي سرڪار کي ٻڌائڻ چاهيون ٿا تہ پاڪستان پنهنجي دفاعي صلاحيتن کان پوري طرح واقف آهي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) پاڪستان سني تحريڪ پاران مودي سرڪار جي پهلگام واقعي جي آڙ ۾ منفي پروپيگنڊا ۽ من گهڙت الزام لڳائي پاڪستان ۽ پاڪ فوج خلاف زهر اوڳاڇڻ خلاف شهر جي گهنٽي /ڏسو صفحو 3 بقايا 38